ڪلام

فقير عبدالله کاتيار

مرتب:

ڊاڪٽر نواز علي شوق

سچل سرمست يادگار ڪميٽي - خيرپور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪلام
فقير عبدالله ڪاتيار

مرتب:
ڊاڪٽر نواز علي شوق

سچل سرمست يادگار ڪميٽي
خيرپور
١٤١٨ھ / ١٩٩٨ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

كتاب: كلام فقير عبدالله كاتيار

مرتب: ڊاڪٽر نواز علي شوق

ٽائيٽل ڊزائين: قيوم منگي

ڇپيندڙ: پوپٽ پريس خيرپور

ڇپائيندڙ: سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور.

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: علمي ڪمپوزرس ۽ پرنٽرز ڪراچي.
فون: ٢٦٢٥٢٥٤
لي آئوٽ سيٽنگ: حضوربخش الطاف پيرزادو

Kalam Faqir Abdullah Katiar

Edited By: Dr. Nawaz Ali Shoque

Printed By: POPAT PRESS, Mall Road, Khairpur.

Publisher: Sachal Sarmast Memorial Committee
Khairpur, Sindh.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

پيش لفظ

الله پاڪ سنڌ جي سرزمين کي روشن فڪر عارفن ۽ اهل دل درويشن جو ديس بڻايو آهي. خدا جي فضل سان اسان جو خيرپور ضلعو ته خاص طور سان صاحب بصيرت ولين ۽ صوفي شاعرن جو مسڪن رهيو آهي.

آدم سلطان، اين شاهه، احمد شاهه جيلاني، پير ڪنبر، پير محمد راشد، خير محمد هيسباڻي، سلام الله ٽرڏني، شادي شهيد، شاهه جاڙيو، شيخ طيب، صاحبڏنو درازي، غلام حيدر فقير شر، محمد شاهه جيلاني، مخدوم احمدي، مخدوم محمد اسماعيل ۽ نانڪ يوسف فقير ضلعي خيرپور جا چند نامور صاحب عرفان آهن. جن جي نالن پنيان پورا مڪتب فڪر هلي پيا.

علم و عرفان جي انهن مرڪزن سان وابسطه ٿيا ته ڪيترائي بي بها دُر پيدا ٿيا جن جي فيض سان هيءَ سرزمين سيراب ٿي. اهڙن ئي ڀلارن بزرگن مان حضرت سچل سرمست ۽ فقير عبدالله ڪاتيار به ٿي گذريا آهن. حضرت سچل سرمست درازي درويشن جي سلسلي سان منسلڪ هيو ۽ فقير عبدالله ڪاتيار وري پاڳارا پيرن جي سلسلي سان واڳيل هيو.

گذريل سال حضرت سچل سرمست جي ١٧٥هين عرس جي موقعي تي محترم ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب جيڪو مقالو پڙهيو اُهو حقيقت ۾ سندس تحقيقي ڪتاب "ڪلام فقير عبدالله ڪاتيار" جو مقدمو هيو.

انهيءَ ادبي ڪانفرنس دوران سچل سرمست يادگار ڪميٽيءَ خيرپور جي سيڪريٽري محترم تنوير عباسي صاحب اصرار ڪيو ته هيءُ ڪتاب سچل يادگار ڪميٽي طرفان شايع ڪرايو وڃي. ڪتاب جي پنهنجي جاءِ تي افاديت به مسلم هئي ويتر تنوير عباسي صاحب جو چيو موٽائڻ مون لاءِ ناممڪن هيو. انهيءَ وقت مون اهو وعدو ڪيو هيو ته ايندڙ سال هيءُ ڪتاب ميلي جي موقعي تي شايع ڪرايو ويندو.

"ڪلام فقير عبدالله ڪاتيار" مهربان پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي. اميد ته سنڌي ادب جي گهڻگهرن ۾ اسان جي هيءَ سوکڙي پسند پوندي.

١ جنوري ١٩٩٨ع

محمد يونس ڏاگها
چيئرمين
سچل سرمست يادگار ڪميٽي
۽ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ٻه اکر

ڪجهه سال اڳ مون کي فقير عبدالله ڪاتيار جو ڪلام ڪٺو ڪري ايڊٽ ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو. مون سڀ کان پهرين پنهنجي ذخيري مان ميڙا چونڊي ڪئي اٽڪل پنجاهه کن ڪافيون هٿ آيون. اڃان وڌيڪ ڪلام ڪٺو ڪري رهيو هوس ته ايتري ۾ مولانا عبداللطيف سڪندري جو پيغام پهتو ته هُو ڪاتيار جو ڪلام گڏ ڪري ڇپرائڻ گهري ٿو. مون پنهنجي چاچي دوست محمد هٿ ڪيس ڪاتيار جو ڪلام موڪلي ڏنو. مولانا صاحب جو تيار ڪيل ڪتاب ڇپجي چڪو آهي، پر ان ۾ فقط سنڌي ڪلام آهي سو به ٿورو آهي. مگر ان هوندي به مولانا صاحب جي هيءَ محنت جَسُ لهڻي.

فقير عبدالله ڪاتيار جو ڪلام ڪٺو ڪرڻ لاءِ مختلف هنڌن تي وڃڻو پيو. ڪن دوستن کي خط لکيم جن وڏا وڙ ڪيا. محترم محمد پنهل ڏهر پرچونڊي شريف واري ڪتب خاني ۾ رکيل هڪ قديم بياض مان ڪاتيار جو ڪلام فوٽو ڪاپي ڪرائي موڪليو. محترم بشير احمد هيسباڻي غلام حيدر موچي واري بياض جو اهو حصو فوٽو ڪاپي ڪرائي موڪليو، جنهن ۾ فقير عبدالله جو ڪلام لکيل هو. پر سڀ کان وڏو بياض منهنجي شاگرد لطف علي لاشاري فوٽو ڪاپي ڪرائي موڪليو، جيڪو فقير علي بخش ويٺل ڪپرو، ضلع سانگهڙ جي ملڪيت هو. ان بياض جو ڪاتب فضل محمد آهي، هن اهو بياض ١٣٣٠هه ۾ لکيو. ان بياض ۾ فقير عبدالله جون ١٢٠ ڪافيون ۽ حافظ عبدالله جون ٽيهه ڪافيون شامل آهن.

مون راڄڙ واري بياض کي بنياد بڻايو، ڇو ته اهو هڪ ته آڳاٽو آهي ۽ ٻيو ته ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ صحيح معلوم ٿئي ٿو. انهيءَ بياض مان اٽڪل ويهارو کن نيون ڪافيون ۽ ڪجهه نوان بيت مليا، جيڪي ٻين بياضن ۾ ڪونه هئا. انهيءَ آڳاٽي بياض کي بنياد بنائي مون ٻيا بياض پڻ آڏو رکيا،جن جا نالا حاشيي ۾ ڏنل آهن، جيڪي مون وٽ موجود آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ ڪاتيار تمام وڏو شاعر ۽ صوفي درويش هو. سچل سائين جو دوست هو، وٽن ويندو رهندو هو. فقيري کين پنهنجي مرشد وٽان ملي، باقي شاعري واري ونڊ کين سچل سرمست کان ملي. سچل سائين جي پُر بهار باغ جي گلن جو واس اوهان وٺي چڪا آهيو. هينئر هڪ ٻئي خوبصورت باغ جي گلن جو واس وٺو. ٻنهي درويشن جي ڪلام جو مطالعو سچ پچ تہ وڏي نعمت آهي. آءٌ پاڻ کي خوش قسمت سمجهان ٿو جو فقير عبدالله جهڙي عظيم شاعر تي مون وس آهر تحقيق ڪئي آهي ۽ اهو ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿي رهيو آهي.

فقير عبدالله جي ڪلام ۾ ايڏا تہ اونها اسرار ۽ رندي راز آهن، جو ڪو سرت سياڻو ئي سمجهي سگهي ٿو. سچ پچ تہ مون ان بحر جي ڪناري تان رڳو سپيون ۽ ڪوڏ ميڙيا آهن، موتي ميڙڻ لاءِ وڏي سوچ ۽ سمجهہ کپي.

جناب محمد يونس ڏاگها صاحب چيئرمين سچل سرمست يادگار ڪميٽي ۽ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسي جو احسان مند آهيان، جن هن ڪتاب ڇپرائڻ جي منظوري ڏني ۽ ميلي جي موقعي تي هيءُ ڪتاب تمام سهڻي نموني ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي.

آخر ۾ انهن سيني دوستن جو ٿورائتو آهيان جن هن ڪم ۾ منهنجي مدد ڪئي. خاص طور ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محترم محمد علي حداد، محترم بشير احمد هيسباڻي، محترم محمد پنهل ڏهر، محترم لطف علي لاشاري، محترم خادم عباسي ۽ ٻين مهربانن جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان.

ڪراچي ٢ جنوري ١٩٩٨

نواز علي شوق
ڪراچي يونيورسٽي
ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

فقير عبدالله ڪاتيار

سنڌي، سرائڪي ڪافي صدين کان سنڌ ۽ پنجاب ۾ مشهور ۽ مقبول آهي. سنڌي ڪافي تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته ميرن جي دور ۾ سنڌي سرائڪي ڪافي جا نمائنده شاعر خيرپور ۾ پيدا ٿيا. جن ۾ عبدالله فقير ڪاتيار، سچل سرمست، حافظ عبدالله قريشي، پير علي گوهر شاه اصغر ۽ درازن جي فاروقي خاندان جا شاعر آخوند محمد حيات حاتم، سندن فرزند آخوند گل محمد، آخوند عبدالهادي وغيره اچي وڃن ٿا. ڪنڊڙيءَ ۾ وري روحل فقير ۽ مراد فقير محبت جو مچ مچايون ويٺا هئا. انهن مڙني ۾ سچل سرمست ۽ عبدالله ڪاتيار جو مانُ مٿاهون آهي. هتي فقير عبدالله ڪاتيار بابت به ٿي ڳالهيون عرض ڪجن ٿيون.

فقير عبدالله ڪاتيار جي سوانح بابت مون گهڻي ڳولها ڪئي پر، مستند مواد ڪٿان به ملي نه سگهيو. هُو ڪٿان جو ويٺل هو ان سلسلي ۾ پڪ سان ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي. هڪ روايت آهي ته هُو ملاڪاتيار ضلع بدين جو ويٺل هو. هڪ مسڪين هاري هو. پير ڳوٺ (ڪنگري) ۾ پير پاڳاري جي ڪُتب خاني ۾ ڪافين جو هڪ بياض محفوظ آهي، جنهن ۾ گهڻن ئي صوفي شاعرن جو ڪلام موجود آهي. ان ۾ فقير عبدالله ڪاتيار جون ڪافيون پڻ ڏنل آهن. هڪ ڪافي جي شروع ۾ فارسي ۾ هڪ عبارت لکيل آهي ان جو ترجمو ڏنو وڃي ٿو.

”عبدالله فقير مست، جيڪو ٽر جو رهاڪو هو. هو اچا پنهنجي ئي علائقي ۾ هو ته پنهنجي مرشد کي خواب ۾ ڏٺائين پوءِ مرشد جي ڳولا ۾ نڪتو ته ان دوست کي ڪنهن طرح ڳولي لڌائين. جيئن عربي زبان ۾ چوڻي آهي ته ”من طلب شيء جد وجد“ يعني جيڪو ڪنهن شيءِ جي طلب ڪري ٿو ۽ ڳولا ڪري ٿو ته اها کيس ملي وڃي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

گهمندو ڦرندو پير صاحب جي درگاهه تي آيو ته اتي هن پنهنجو محبوب سڄاڻي ورتو ۽ هيءَ ڪافي چيائين:" ان جو ٿلهه ۽ آخري شعر پيش ڪجي ٿو.

ٿلهه: آپي لائي نينهن، سڄڻ پنهنجو، نينهن نباهين،
اُتئون عبدالله جي سائين! راحم راتو ڏينهن،
راحم راتو مئن واري آن مٺا هتڙا مُور مَ لاهين.

پير سائين محمد راشد روضي ڌڻي رح وٽان ڪين عشق عطا ٿيو. ڪامل مرشد ڪين معرفت واري شرابِ جي اهڙي سُتي پياري جو هُو فقيري واري وڏي درجي تي رسيو. خواجه محمد زمان لنواريءَ واري فرمايو آهي ته:

اکر پڙهه عشق جو، ڪنز قدوري ڇڏ،
ڇڙهه تنين جي مڏ، جي سُتي ڏين شراب جي.

مطلب ته مرشد جي نظر فيض اثر ڪيميا جو ڪم ڪيو، عشق جي هڪ ئي اکر ڪيس اعليٰ مقام تي پهچايو. هڪ ٻي روايت ڪجهه هن ريت آهي:

هڪ ڀيري پير سائين پنهنجن مريدن سان گڏ سفر تي وڃي رهيا هئا ته واٽ تي عبدالله ڪاتيار پنهنجي پوک کي پاڻي ڏيڻ لاءِ نار تي ويٺو هو، ڏاند نار ۾ وڙهو ٿي ۽ عبدالله مزي سان حُقو ڇڪي رهيو هو. جڏهن بزرگ اتان لانگهائو ٿيا ته سندس مريدن عبدالله ڪاتيار کان ان تَر جي ڪنهن ڳوٺ جي پڇا ڪئي. عبدالله حُقي مان نڙ ڪڍي ان سان ڪين رستو ڏسيو. پير صاحب جن عبدالله کي چتائي ڏٺو، نظر پوڻ شرط هو بي هوش ٿي ويو. خليفا حيران ٿي ويا. پير صاحب خليفن کي چيو ته هن تي حال اچي ويو آهي، هن جا هٿ پير مهٽيو، ڇگڪي دير هٿ پير مهٽڻ کان پوءِ هُو هوش ۾ آيو ۽ نار ڇڏي پير سائين جي جماعت ۾ شامل ٿي ويو.

پير صاحب جن سفر ڪندي جڏهن پنهنجي مريد وٽ پهتا ته خليفن عرض ڪيو ته قبلا! اهو همراهه نار ڇڏي اسان سان گڏ هتي هليو آيو آهي. سياري جي موسم هئي عبدالله پئي سرديءَ ۾ ڏڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪيس هنڌ ٽيڙ ڏنا ويا، پر ان هوندي به سندس سيءُ نہ لٿو. اهو ڏسي پير صاحب جن ڪيس پنهنجو ڪٿو ڏنو، تڏهن به هُو ڏڪيو ٿي، تنهن تي پير صاحب چيس تہ، "پوين لاءِ به ڪجهہ ڇڏيان يا سڀ توکي ڏئي ڇڏيان". فقير صاحب عرض ڪيو تہ، "سائين! مان اوهان کان اوهان جي پوين جي امانت نہ ٿو گهران، مان فقط پنهنجو حصو گهران ٿو". پير سائين کين ٻيو ڪٿو بہ ڏنو، پوءِ ڪائنس پڇيائون تہ "فقير هاڻي تہ بس نہ" عبدالله عرض ڪيو تہ "سائين هينئر بس منهنجو پورائو ٿي ويو".

فقير صاحب ڪجهہ عرصو درگاهہ شريف تي تہ ڪجهہ عرصو ٽيڙهي ۾ گذاريو. هن ڪٿان تعليم حاصل ڪئي، ان بابت بہ ڪجهہ معلوم نہ آهي. سندس وفات ١٢٥٠هہ ڌاري ٿي ۽ پير ڳوٺ ۾ دفن آهي.

فقير عبداللهڪاتيار جون گهڻيون ئي ڪرامتون مشهور آهن. هتي نموني خاطرهڪ واقعو پيش ڪيو وڃي ٿو.

منهنجي محسن ۽ مهربان استاد ڊاڪٽر عطا محمد حامي مرحوم هڪ ڏينهن فقير صاحب بابت هي واقعو ٻڌايو هو. فقير عبدالله ٽيڙهي ۾ رهندو هو. روايت مطابق لسي وٺڻ ٿي ويو تہ رستي تي سو گهوڙن جو صوبيدار محمد خان لغاري پنهنجي دستي سميت کيس مليو. محمد خان کي ٻڌايو ويو تہ پير سائين روضي ڌڻي جو مريد ۽ شاعر فقير عبدالله اهو آهي. محمد خان کيس ڪافي ٻڌائڻ جي فرمائش ڪئي.

فقير کي ڪافي چوڻ کان اڳ مرشد جي صورت سامهون نظر آئي. فقير ڪافي چئي، جنهنجو ٽلهہ ۽ آخري شعر پيش ڪجي ٿو:

ڏي سر عاشق چئين وو يار
عشق دلال آيا دلبر دا.
عبدالله عاشق رهہ در عشق دي
هر ڪنهن حال نہ هتين وو يار.

محمد خان پهرين مصرع ٻڌي گهوڙي تان لٿو ۽ ٻي مصرع سان تمغا وغيره لاهي ڦٽي ڪيائين. آخري مصرع ٻڌي فقير جي پيرين پئي بي هوش ٿي ويو. ڪجهہ وقت کان پوءِ کيس هوش آيو تہ ان گهڙي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي چيائين جنهن جو ٿلهہ آهي.

جوڳي آيا لٽ ڳيا ميڏي جان ساري

ان ڪان پوءِ محمد خان پنهنجو اعليٰ عهدو ڇڏي تڏو وڇائي فقير وانگر درگاهہ تي ويٺو هوندو هو.

فقير عبدالله جي شخصيت ۽ شاعريءَ بابت سڀ ڪان پهرين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سڃاڻ ڪرائي. ان ڪان پوءِ مولانا عبداللطيف سڪندري ڪاتيار جو ڪجهہ ڪلام ڇپرايو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب پهريون خليفي نبي بخش جي رسالي جي مقدمي ۾، ان ڪان پوءِ ڪتاب "اصغر سائين جو ڪلام" جي مقدمي ۾ فقير صاحب جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي روشني وڌي آهي. ٻنهي ڪتابن مان ڪجهہ ٽڪرا ڏنا وڃن ٿا. ڊاڪٽر صاحب جن لکن ٿا تہ:

"حق ۽ حقيقت جي گفتار، خصوصاً وحدت ۽ ڪثرت واري نڪتي جي اپٽار ۾ حجت ۽ بيباڪي، رندي ۽ راستي واري رسم جو بنياد سنڌي شاعري ۾ غالباً پهريائين عبدالله فقير ڪاتيار وڌو جو هن دور جو هڪ مست ۽ مجذوب شاعر هو (١). عبدالله، پير صاحب حضرت محمد راشد (روضي ڌڻي) جي فيض ڪان سرشار ٿي، دنيوي لاڳاپا لاهي نيڙهي (خيرپور رياست) لڳ لوڙهو ڏيئي گوشہ نشين ٿي ويٺو هو. هي درويش سچل جو پاڙيسري ۽ معاصر هو ۽ سچل جي ساڻس دلي محبت هئي. انهيءَ ڪري سندس حال توڙي قال جو سچل تي وڏو اثر پيو (٢). جيئن تہ عبدالله فقير حضرت روضي ڌڻي جو مريد هو انهيءَ ڪري خليفو نبي بخش صاحب پڻ سندس ڪلام ڪان متاثر ٿيو.حق جي سڃاڻپ خاطر يٽائي صاحب ۽ ڪانئس اڳ جي درويش شاعرن "من عرف نفسه فقد عرف ربه". واري نڪتي کي ورجائي "پاڻ سڃاڻڻ" جي ترغيب ڏني. البتہ يٽائي صاحب خود شناسي واري منزل کي اتي پهچايو تہ "نڪا ابتدا "عبد" جي نڪا انتها". اها سندس معجزبياني هئي جو

(١) عبدالله فقير پير صاحب پاڳاري حضرت صبغت الله شاه اول جي آخري ايام ۾ اندازاً ١٢٤٠ - ١٢٣٥هہ ڌاري وفات ڪئي.

(٢) سچل جي سوانح ۽ ڪلام جي هن پهلو کي اجان تائين روشن نہ ڪيو ويو آهي. سچل جي عبدالله فقير سان جا محبت هئي ان ڪان خود سچل جا پويان سجاده نشين بزرگ باخبر هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

هڪ نازڪ نڪتي کي ٿورن ۽ سهڻن لفظن ۾ ادا ڪري ڇڏيائين. ڀٽائي صاحب کان پوئين دور جي درويش شاعرن مان روحل ۽ مراد اڪثر "پاڻ سڃاڻڻ" واري نڪتي کي ورجائيندا رهيا. مگر عبدالله فقير قدم اڳتي وڌائي رندن جا اهڃاڻ ڏنا ته:

"لا" جا لائي لنگ، موٽي ڪن نه مسحو،
آڏوتن عبدالله چئي، دل تي پيتا دنگ،
ڪوثر نه آيا ڪاپڙي، گرڪي گڏيا جنگ،
سنگؤن ڇنا سنگ، ڪي جو سرين ڪاتيار چئي.

وحدت ۽ ڪثرت جي حقيقت ورجائيندي چيائين ته:

الک انسان اڄ يارو، آيو انسان جي چولي،

--- • ---

سر سارو اِسرار ڇپايئي، صورت سانگ بنائين آئين.

--- • ---

ڇاڻ مسلماني ڪير ڇاٽي، عشق وڏو منجهه ڪفر جي آٽي
عبدالله عاشق محض مشرڪ، ريءَ شرڪ رب ڪير سڃاٽي.

پڻ پنهنجي مخصوص انداز ۾ عبدالله فقير "خود شناسي" کي "خود اثباتي" سان همڪنار ڪندي چيو ته:

"عرب" عين" ري سمجهه ته ڇاهي،
عبدالله ڇڏ "عبد" کي لاهي
ترڪ سنت طغيان

ظاهر آهي ته عبدالله فقير "عبدالله" مان "عبد" کي ڇڏي "الله" کي اثبات ڪرڻ جي ترغيب ڏني، مگر ڪافي رمز ۽ نزاڪت سان اهو نڪتو بيان ڪيائين. پنهنجي هين ڪافين ۾ واضح ڪيائين ته رندي رمز جي مام پروڙڻ مشڪل آهي: "رمز رنديءَ جو رخ ڪاڏي، آهي مشڪل پروجهڻ مام" ۽ پڻ سچن سالڪن کي رندي رمز جي "سهڻي" طور طريقي تي پوري رهڻ جي ترغيب ڏنائين ته:

رمزن واري سهڻي رند، سالڪ رهيا سمجهه سان پورا،
رند انهيءَ تي رمزن واري، چندين ٻهوڙيا چند. (١)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪتاب، "اصغر سائين جو ڪلام" جي مقدمي ۾ لکيو آهي تہ: عبدالله فقير ڪاتيار ۽ سچل سائين همعصر هئا. عبدالله فقير توحيد ۽ معرفت، وحدت ۽ ڪثرت جي رازن سمجهاڻ ۽ رِندن واري رمز جو بنياد وڌو. هو پير سائين محمد راشد روضي ڌڻي جو سچو عاشق ۽ مريد ۽ درگاهہ جو ڏيئو هو. ٻاهر هجي ها تہ چنڊ ٿي چمڪي ها. فقير عبدالله جي رندي رمز کان سائين سچل ڪافي متاثر هو. فقير عبدالله سچل سائين کان اٺ سال ڪن پوءِ وفات ڪئي (٢).

ساڳئي ڪتاب ۾ ٻئي هنڌ لکن ٿا. "عبدالله فقير ڪاتيار وحدت ۽ ڪثرت واري راز کي وڏين رمزن سان سمجهايو. خود شناسي، خود داري ۽ خود اعتمادي واري مشعل کي ٻهريائين عبدالله فقير ڪاتيار وڏي آب تاب سان چمڪايو، بلڪ اجان بہ وڏيڪ مچ مچائي رنداني راهہ کي روشن ڪيو.

عبدالله فقير جي رنداني رمز کان سائين سچل سرمست پين کان وڌيڪ متاثر ٿيو. پر شروع شروع ۾ هو پنهنجي اظهار ۾ محتاط هو ۽ رکو ٻجهارت طور اهڃاڻ ڏنائين تہ:

ماٺ ڪريان تہ مُشرڪ ٿيان، ڪُڇان تان ڪافر،
انهيءَ وائي ورُ، ڪو سمجهي سچي ڏنو چئي.

پوءِ جڏهن پن ڪنيائين، تڏهن حد چڏي وڃي لاحد ۾ پيو، جتي "آءٌ" ۽ "مئن" "مئن وو مئن" واري استغراق ۾ ٽپيون ڏنائين ۽ شحطيات کان احتياط نہ ڪري سگهيو. (١).

اهي ڊاڪٽر صاحب جا ذاتي رايا آهن. انهن ۾ ڪجهہ وڌاءُ ۽ ڪي قدر عقيدت جو عنصر نظر اچي ٿو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي هڪ تقرير ۾ سچل سائين جا چار استاد ٻڌايا آهن. پهريون مڪتبي استاد حافظ عبدالله، ٻيو سندن چاچو حافظ عبدالحق ٽيون عطار ۽ چوٿون فقير عبدالله ڪاتيار.

(١) خليفي صاحب جو رسالو – ص –.
(٢) ڏسو اصغر سائين جو ڪلام ص – ۴١ – ۴٢ –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ ڪاتيار وڏو شاعر هو. وڏو صوفي درويش هو، پر هُو عطار ۽ خواجہ عبدالحق جي برابر نہ هو. عشق ۽ عرفان جي جيڪا منزل عطار ۽ عبدالحق کي ملي، سا هر ڪنهن کي نصيب نہ ٿي ٿئي. عطار جڳ مشهور صوفي بزرگ ۽ عظيم شاعر هو. ڪيس تصوف جو ٿنيو سمجهيو ويندو آهي ۽ خواجہ عبدالحق جي سچل سائين پنهنجي ڪلام ۾ جيڪا تعريف ڪئي آهي، ان مان سندن علم ۽ عرفان جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ان کان علاوه حافظ عبدالله بہ پنهنجي دور جو وڏو عالم، عارف ۽ شاعر هو. اهڙن ڪامل استادن هوندي سچل سرمست کي ٻئي ڪنهن استاد جي ضرورت ئي ڪانہ هئي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪاتيار کي سچل کان وڏو شاعر سڏيندي، سندس ڪلام مان ڪجهہ مثال پيش ڪيا آهن.

حقيقت هيءَ آهي تہ اسان "تولن ماسن" ۾ آهيون ۽ سچل سرمست ۽ ڪاتيار مٿن ۾ آهن. "تولا ماسا" مڻ توري ڪونہ سگهندا. ڪيرُ ڪيتري منزل وارو هو؟ اها تور تڪ نا ممڪن آهي. هتي آءُ ٻنهي شاعرن بابت ڪو مناظرو ڪرڻ نہ ٿو گهران ۽ نہ وري مقابلو. پر ايترو ضرور چوندس تہ آءُ هتي سچل سائين جي ڪلام مان ڪيترائي مثال ڏيئي سگهان ٿو، جن مان اهو چٽيءَ ريت ثابت ٿيندو تہ سچل جي ڪلام ۾ ڪيڏي گهرائي آهي ۽ ڪيڏو مٿاهون فڪر آهي ۽ سندن عظمت نمايان نظر ايندي.

سچل سرمست ڇهن زبانن ۾ ۽ مختلف صنفن تي تمام گهڻو ڪلام چيو آهي، جيڪو هڪ اونهو سمنڊ آهي. جنهن جي هڪ هڪ مصرع موتي مثل آهي. سچل سائين جي شاعرانئي بحر ۾ جيڪي لهرون پيدا ٿيون، سي بہ لکُ لهن. سندن ٻالڪا/طالب نانڪ يوسف، گهرام فقير جتوئي، محمد صالح قادري، خير شاهہ رتيديري وارو، محمد صلاح دونهين وارو ۽ ٻيا وڏا درويش، صوفي بزرگ ۽ شاعر هئا. جن کي سچل سائين کان ونڊ ملي. وري سخي قبول محمد ثاني جي سلسلي جا شاعر ڏسو. مطلب تہ انهيءَ ويٺري مان ڪيترائي ٻي پرُ ٿيا. اها ويٺري سُڪي

ايضاً ص - ٤٧ - ٤٩

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

نہ آهي. اجان پريل آهي، ڀٽائي جي لفظن ۾ اسان جي دعا آهي تہ:

شال م سُڪي ويڙهي، جٺان پي پين

هڪ ٻي مثال ٿا وٺون نانڪ يوسف جو، جنهن جو ڪلام ڊاڪٽر تنوير عباسي گڏ ڪيو ۽ ادبي بورڊ ڇپرائي پڌرو ڪيو. جن اهو ڪلام پڙهيو هوندو، سي گواهي ڏيندا تہ نانڪ ڪيڏي وڏي منزل وارو هو. ڪيڏو وڏو شاعر هو. وري نانڪ جو ٻالڪو فقير غلام حيدر شرُ ڏسو، ان ڪان پوءِ انجا تربيت يافتہ رکو ٻيا شر ذات جا شاعر ڏسو تہ ڪيڏا نہ وڏا شاعر آهن. هيڏين سارين ڳالهين هوندي ڪاتيار کي سچل سائين جو استاد سڏڻ ۽ سرمست ڪان متاهون شاعر سڏڻ صحيح نہ ٿو لڳي. سچل جي فڪر، فلسفي ۽ بزرگي بابت گهڻائي ڪتاب، مضمون ۽ مقالا ڇپجي چڪا آهن، هينئر ڪاتيار جو ڪلام پڻ ڇپجي رهيو آهي. پڙهندڙ پنهن بزرگن سچل سائين ۽ ڪاتيار جي ڪلام جو مطالعو ڪري پاڻ فيصلو ڪري سگهن ٿا تہ ڪيرُ وڏو شاعر آهي. ڪير استاد آهي ۽ ڪير شاگرد، ڪير مرشد آهي ۽ ڪير عقيدتمند.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب فرمايو آهي تہ، ”سچل سائين ۽ عبدالله ڪاتيار جي ملاقات جون روايتون مشهور هيون. عبدالله فقير ڪٿي رهندو هو؟ اسان کي خبر ڪانهي ڪا، پر هتي مڙئي خيرپور تعلقي ۾ ڪٿي رهندو هو. انهن جو پاڻ ۾ ملڻ پيو ٿيندو هو ۽ عبدالله فقير تمام ڪنهن گهٽي تنبيهہ سان بعضي سچل کي سمجهائيندو هو“. (١).

ڊاڪٽر صاحب جي اها راءِ تہ عبدالله فقير گهٽي تنبيهہ سان بعضي سچل کي سمجهائيندو هو، دل سان نہ ٿي لڳي. درازا وڏي گادي هئي ۽ آهي. سندن هزارين مريد هئا ۽ اڄ بہ ان گاديءَ جا هزارين عقيدمند آهن. ان زماني ۾ فاروقي بزرگن جو وڏو ادب ۽ احترام هوندو هو ماڻهن ۾ اهو ادب ۽ احترام اڄ بہ موجود آهي. ان جا گهڻائي مثال ڏئي سگهجن ٿا. پر هتي هڪ مثال تذڪره مخاديم کهڙا مان پيش ڪجي ٿو. کهڙن جي مخدومن جي پاڻ ۾ ملڪيت تان ناسازي ٿي پئي. سچل

سرمست - ١٢ - ص - ٢٢

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

سرمست اتي وڃي ڪين ڪير ڪنڌ ڪري ڇڏيو. ايڏي وڏي ماڻهو کي عبدالله تنبيهه ڪندو هجي، اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي. بلڪ مون جيڪي روايتون ٻُڌيون ۽ پڙهيون، تن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته عبدالله ڪاتيار سچل سائين جو عقيدت مند هو ۽ اڪثر وٽن ويندو رهندو هو.

جڏهن آءٌ عبدالله‌ڪاتيار بابت تحقيق ڪري رهيو هوس، تڏهن منهنجي پياري دوست قربان خاصخيلي خط ذريعي هي احوال لکي موڪليو هو: ”عبدالله فقير اصل ملاڪاتيار ضلع حيدراباد جو ويٺل هو. پير محمد راشد روضي ڌڻي جو مريد هو. چون ٿا ته حقيقي طلب شاه درازي سچل سرمست ڪان ٿيس. جماعت پير سائين کي عرض ڪيو ته عبدالله درازين وڃي ٿو. بادشاهه گهرائي پڇيس: عبدالله وڏي دانائيءَ سان عرض ڪيو ته، ”قبلا! اتي سچل فقير ۾ به صورت سائينجن جي ڏسندو ۽ پسندو آهيان. بادشاهه خوش ٿيو. فقير ١٣٠٠هه کان اڳ وصال ڪيو، پير ڳوٺ ۾ دفن آهي“.

مير رستم ڪان جاگير وٺڻ واري جيڪا ڳالهه آهي، تنهن بابت استاد حامي مرحوم ٻڌايو هو ته ان تي شادي شهيد سچل سائين کي ڪي ڏکيا لفظ چيا هئا. ڇو ته شادي شهيد ان قسم جو درويش هو. جيڪا ڳالهه ڪيس صحيح نه لڳندي هئي ته ان تي سخت ناراض ٿيندو هو. شادي شهيد جا ان قسم جا پيا به ڪي واقعا مشهور آهن. اهو اڻ ٽر شادي شهيد هو. ها اهو ٿي سگهي ٿو ته عبدالله فقير به سچل سائين کي چيو هجي ته، ”اهو ڪم سُٺو نه ڪيئي“. پر جيئن ته ٻاهر جا ڪم ڪاريون سچل سائين ڪندو رهندو هو ۽ پنهنجي وڏن جي چوڻ موجب سچل سائين جاگير جي سلسلي ۾ مير رستم وٽ ويو هو. باقي ڊاڪٽر بلوچ جي ان راءِ سان مونکي اختلاف آهي ته ”خودي ۽ خود داري ۽ رندي جيڪا سچل جي ڪلام ۾ نظر اچي ٿي پئي تصوف جي سلسلي کان، سا عبدالله فقير جي صحبت جو اثر آهي“. حقيقت هيءَ آهي ته اهي سموريون خوبيون ڪين صوفي بزرگن عطار، احمد جام، نعمت الله ولي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

۽ ٻين صوفي شاعرن جي ڪلام ذريعي عطا ٿيون. ان ڪان علاوہ پنهنجي چاچي خواجہ عبدالحق ڪان اڳ ۾ ئي خودي ۽ خودداري ۽ رندي واري رمز ۽ رازن ڪان واقف ٿي چڪو هو.

فقير عبدالله موسيقي جو نہ فقط ماهر هو، پر عاشق هو. هڪ روايت پير ڳوٺ واري بياض ۾ فارسي ۾ لکيل آهي، هتي ان جو ترجمو ڏنو وڃي ٿو.

هڪ ڀيرو عبدالله ڪافرن جو تماشو (شايد ڀڳت هجي) ڏسڻ ويو، تہ ڪنهن اچي حضرت جن کي چيو تہ "عبدالله ڪافرن جو تماشو ڏسي رهيو آهي،" پاڻ عبدالله تي ڪجهہ ناراض ٿيا. جڏهن عبدالله واپس حضور جي خدمت ۾ آيو تہ هيءَ ڪافي ٿاهي ٻڌايائين.

ڏسان جاڏي تاڏي سهڻو يار ميان

اچي نظر نہ پاجهئون يار جي.

بيٺو آهي صورت وچ ۾

سهڻو سڀ ڪنهن پار ميان

ديدن دريون کوليون،

چؤطرف، چوڌار ميان

اسان پرين **عبدالله** چئي

ناهہ وٺي هڪ وار ميان.

هيءَ حقيقت آهي تہ عبدالله فقير کي بهترين ادبي ماحول مليو. پير ڳوٺ ۾ پير علي گوهر شاہ اصغر، درازا ۾ سچل سرمست، حافظ عبدالله، محمد صالح فاروقي، گل محمد فاروقي آخوند عبدالهادي نانڪ يوسف ۽ ٻيا ڪيترائي فقير فقراء درگاهہ تي حاضري ڀريندا هئا. ٻہرلوءِ (دونهين) ۾ فقير محمد صلاح، ڪنڊڙي ۾ روحل فقير مراد فقير ۽ ٻيا صوفي درويش موجود هئا.

فقير عبدالله راڳ ويراڳ جو شوقين هو. پير ڳوٺ ۾ ساز سرود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

تي پابندي هئي. تنهن ڪري هو درازين ويندو رهندوهو. اتي وچي هُو سچل سائين کي پنهنجو ڪلام ٻڌائيندو هوندو ۽ سچل سرمست يا سندن طالبن کان سچل سائين جو ڪلام ٻڌندو هوندو. اهڙي ريت هُو هڪ ٻئي کان متاثر ٿيا. هتي ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا. ڪاتيار جي هڪ ڪافي جو ٿلهه آهي:

صدقي مئن صدقي قربان، گهول ٿيوان گهنڊ کولڻ تئون

سچل سائين گهنڊ کولڻ واري ڳالهه وري هن ريت بيان ڪئي

گهنڊ کول ديدار وِکا، مئن آيا مُک ويکڻ

سچل سرمست جي استاد حافظ عبدالله قريشي جي هيٺ ڏنل ڪافي تمام گهڻو مشهور ٿي. *

ڙي سيون ساڏي مَن دا محرم يار،

مئن نہ ڏٺا ڪوئي مَٺُ ماهي دا،

حُب هادي دي هي هدايت، ڳيا ڪفر بيڪار،

گم ٿيا گس گمراهي دا،

درد مندان کون ڏِتڙا دلبر، آکي عبدالله اظهار،

دوست دلاسا دلخواهي دا.

انهيءَ ڪافي کان متاثر ٿي عبدالله فقير هڪ ڪافي چئي، جيڪا تمام گهڻو مشهور ٿي. ان ڪافي جا ڪجهه شعر پيش ڪجن ٿا.

هي مُک يار ماهيدا، عشق امام اسان نون ويکڻ،

ڇوڙ گمان گدائي والا، شملا چا ٻڌ شاهي دا.

سچل سائين کي اها مصرع اهڙي وڻي وئي جو هن ان کي پنهنجي ڪافي جو ٿلهه بڻايو:

---

* ڪافين جو ڪتاب ص ٣٢ مفيد عام پريس لاهور- سنہ ١٩٠٧.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

چوڙ گمان گدائي والا. شملا چاہڈ شاهي دا.

انهيءَ ڪافي جي پيران ان دور جي ٻين شاعرن پڻ ڪافيون چيون. اهڙي ريت عبدالله وري سچل جي ڪن ڪافين کان متاثر ٿيو.

هتي نموني خاطر ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا. سچل سائين پنهنجي هڪ ڪافي ۾ فرمايو آهي:

ڪيئن ڙي اديون آتڻ اچان
مونکي پور پرين جو پيو

فقير عبدالله فرمايو:

سا ڪيئن آتڻ ڪتي، متوال
جنهن جو سوداگر يار

عبدالله فقير جي هڪ ڪافي جي هڪ شعر کان فقير نانڪ يوسف متاثر ٿيو. ڪاتيار فرمايو:

جوڳين هئي ڪل ڪاجا، ڪيئون رمز صحي سندي رام ريجهائڻ
من لهُ المولٰي فلهُ الڪُل
ڏوڙتين جا ڏاجا

فقير نانڪ يوسف انهيءَ عربي سٽ کي ٿلهہ بڻائي فرمايو
من لهُ مولٰي، فلهُ الڪُل
جنين سمجهيو، تنين حق حاصل

سچل سائين فرمايو:

صورت سڀ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو

يا ٻئي هنڌ فرمايو اٿن:

پاڻ پسڻ آيوڙي جيڏيون، ڪر نہ هُيڙس ڪو پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ان ڪان متاثر ٿي فقير عبدالله ڪاتيار فرمايو:

سڀ ڪنهن صورت سڄڻ منهنجو،
هر ڪنهن صورت جانب منهنجو.
پاڻ صورت پنهنجي پسي پسي ٿو.
سڀ جڳ آ شيش محل سائڻ جو.
والي سو هرجاءِ وسي وسي ٿو.
هر خاني هر جاءِ همه منجهه.
ساڳي عبدالله هسي هسي ٿو.

سنڌ جي صوفي بزرگن جي ڪلام ۾ جوڳين جو ذڪر ضرور نظر ايندو. ان جي شروعات قاضي قادن ڪئي. فرمايائون:

جوڳي جاڳايوس، سُتو هوس ننڊ ۾،
تهان پوءِ ٿيوس، سندي پريان پيچري.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سالن جا سال جوڳين سان گڏ سير سفر ڪيو. سُر رامڪلي ۽ ڪاهوڙيءَ ۾ جوڳين جو تمام گهڻو ذڪر ڪيو اٿن. فقير عبدالله جي ڪلام ۾ پڻ جوڳين جو ذڪر نظر ايندو. ڀٽائي جوڳين جا قسم، سندن ڪاڏي پيتي، رهڻي ڪهڻي ۽ ٻين خاص ڳڻن جو ذڪر ڪيو آهي. فقير عبدالله ڪاتيار هن مضمون کي پنهنجي هڪ خاص انداز ۾ بيان ڪيو. هن رام ريجهائڻ ۽ ناٿ نمائڻ جي ڳالهه نروار ڪئي. فرمائين ٿا:

جوڳين هُئي ڪل ڪاجا، ڪيائون رمز صحي رام ريجهائڻ،
سامين هئي سُڌ ساجا، نبض صحي سندي ناٿ نمائڻ.

خيرپور واري علائقي ۾ انب، ڪارڪون، ٿُوت ۽ ٻير عام جام ٿين ٿا. فقير عبدالله مُندن جو ذڪر ڪندي پنهنجي مقامي ماحول جي ترجماني تمام سهڻي نموني ڪئي آهي. ان سان گڏ پنهنجي پرين کي التجا ٿو ڪري اي منٺا محبوب تون پنهنجي عاشق سان ڪڏهن

Scanned by CamScanner

ملندين؟ فرمائي ٿو:

مُندان ٽيون موٽن وو، چؤ سڄڻ ڪڏهن ملندين،

انب قلهاريا، ڪجين ڳل واريا،

ٿُوت پڪا باغن وو، ڪڏهن ملندين،

ٻيرين ٻُور نوان جي جهليا،

قلهاريا ڦُرڪن وو، ڪڏهن ملندين.

ساڳي ڪافي جي آخر ۾ پنهنجي مرشد سڳوري سان عقيدت جو اظهار ڪندي فرمائي ٿو.

عبدالله چئي مُرشد منهنجا،

ڪندين ماڙَ مُريد ن.

وري هڪ ٻي ڪافي ۾ جوڳين کي ياد ڪندي جوڳين جي جُوءِ متائڻ، مٿن سِرُ صدقو ڪرڻ جو ذڪر ڪندي پنهنجي اندر جو احوال هن ريت اوري ٿو.

نانگن سان نينهن لائي، پيڙا پُور پلئه،

ٽيس ورهه ويراڳڻ،

جوڳي جي هلندا، رات نه رهندا،

پورب پنڌ پڇائي،

جوڳي جي هوندا، روز ميثاقي،

ڳهاءِ انهن جو ٿو ڳهائي،

تن سامين تان سِرُ صدقو جيڏيون،

ٻول متان ڪا ٻي پائي.

فقير عبدالله جي ڪلام مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته هن شاهه جي شاعريءَ جو مطالعو ڪيو هو. اها ڳالهه گهڻن هنڌن تي چٽيءَ طور نظر اچي ٿي. هتي نموني خاطر هڪ مثال پيش ڪجي ٿو. حضرت شاهه

Scanned by CamScanner

عبداللطيف ڀٽائي سُر سامونڊي ۾ فرمايو آهي:

مونکي چاڙهي چيئن، ويو وٽجارو اوهري،

انهيءَ مصرع کان متاثر ٿي، فقير عبدالله هوبهو ساڳين لفظن ۾ فرمايو:

ويو ٻاروچو نکري ميان، چري چاڙهي چيئن،
من ۾ مَڃُ ٻاروچي جو ٻاريو ڙي.

فقير عبدالله جي ڪافيون ڪن خاص موقعن تي چيون. پير سائين حضرت محمد راشد (روضي ڌڻي) جي وصال بعد جڏهن پير سائين صبغة الله شاهه پڳ ٻڌي تڏهن عبدالله فقير هڪ ڪافي چئي، جنهن ۾ پنهنجي مرشد جي صفت ۾ ساراهه بيان ڪندي پنهنجي عقيدت جو اظهار هن ريت ڪيو اٿائين.

صاحب منهنجي پير پاڳاري، صاحب منهنجي سنڌ واري
جي بادشاهي بر حال يارو،
پڳ ٻڌائين وو پيڙهي ويٺو، وو پيڙهي ويٺو
دانهَه، پيرُ، دُر، لال يارو،
روءِ زمين تي روشن ٿيڙو، وو روشن ٿيڙو،
مهدي شمس مثال يارو،
عرشين ڪُرشين پڙها گهمايا، وو هوڪا گهمايا
لکياري لک پال، يارو
معلوم توکي وو مرشد سائين، وو پيرل سائين.
عبدالله جو احوال يارو.

عبدالله فقير جي پنهنجي مرشد سان بي پناهه عقيدت ۽ محبت هئي، پير سائين به کين تمام گهڻو پيارو ڪهرندو هو. ڪڏهن ڪڏهن فقير صاحب مرشد جي خدمت ۾ ساڻن سفر ۾ ساڻ هوندو هو، پير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڳوٺ واري بياض ۾ فارسي ۾ هڪ واقعو لکيل آهي، هتي ان جو ترجمو ڏنو وڃي ٿو.

هڪ دفعو حضرت پير صاحب ڪوهستان جي سفر تي هئا، پهاڙن جي رستي ۾ حضرت پير صاحب ۽ ٻي جماعت اڳتي نڪري وئي، انهيءَ موقعي تي انهيءَ وڇوڙي ۽ ڏک ۾ هيءَ ڪافي چئي هئائين:

مَنو مِني پنهنجي هوت ڪيئن گهران، توڙي روهين مران،
توبهہ مَنو مِني پنهنجي هوت ڪيئن گهران، توڙي چنگين چڙهان.
سڪ پنهنجي وو آهر سرتيون وو ميان،
قدم ڪٺان اڳتي ڪو تہ،
عبدالله سانگو وو سِر جو وو ميان،
آهي اُٺاوڻ تو تہ

حافظ عبدالله توڙي جو سچل سائين جو استاد هو، پر جيئن تہ سچل سرمست درازا جي فاروقي خاندان جو هڪ صوفي بزرگ هو، تنهن ڪري هُو کين تمام گهڻو پيارو گهرندو هو. عبدالله قريشي نہ فقط پنهنجي دور جو وڏو عالم هو، پر سنڌي، سرائڪي زبان جو وڏو شاعر پڻ هو. سندس ڪن ڪافين ۾ سچل سرمست سان پيار ۽ محبت جو اظهار نظر اچي ٿو. هتي هڪ مثال پيش ڪجي ٿو.

ساري رات سڄڻ سيتي رنگ رچايوسي،
عشقوُن عبدالله يار سچو تان،
محبت دا مچ مچايوسي.

عبدالله نالي هڪ شاعر جي ڪافي جو ٽلهہ ۽ آخري شعر پيش ڪجي ٿو: جنهن ۾ هن سچل سائين سان پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪيو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اهو عبدالله ڪاتيار هجي.

توڙي ڄاڻي يار نہ ڄاڻي،

Scanned by CamScanner

اسان دست ٽُساڏي وڪاڻي،

عبدالله پي آيا آپي - سَڻ ڪي نيوَن نياپي،

سچو سائين مانَ سجاڻي.

دراصل سنڌ جي ڪن شاعرن سرائڪي جي هڪ لوڪ گيت ”الله چاڻي، يار نہ ڇاڻي، ميڏا ڍول جوانيان ماڻي“ کان متاثر ٿي ان ئي قافيي رديف ۾ ڪافيون چيون. عبدالله جي ڪافي جو مثال اڳ ۾ اچي چڪو آهي، هيٺئر سچل سائين جي هڪ ڪافي مان نموني طور هڪ بہ شعر پيش ڪجن ٿا:

حُج ڦٽي ڪير هاڻي، ماريس تنهنجي ماڻي،

الله چاڻي.

سچل سائين جي طالب گهرام فقير جتوئي ان ساڳئي رنگ ۾ هڪ ڪافي چئي، انجو ٿلهہ هن ريت آهي:

يار سجڻ تيڏي ماڻي، ٻهون ميڏي من ڀاڻي

الله چاڻي

سچل سرمست لائبرري خيرپور ڪي استاد حامي مرحوم هڪ قديم ڪافين جو بياض ڏنو هو. ان ۾ هڪ ڪافي حافظ عبدالله جي نالي ڏنل آهي، جنهن ۾ سچل سائين سان عقيدت ۽ محبت جو اظهار نظر اچي ٿو. ان ڪافيءَ جو ٿلهہ ۽ آخري شعر ڏجي ٿو.

هَڻ جو ديواني ٿيان،

سچو يار دي خاطر سيان.

عشقئون عبدالله ۾ آهين، رُوان مٺن سنجهہ صُباحين،

نيٺي وهاڪي نيان، سچو يار دي خاطر سيان.

انهيءَ ڪافي کان متاثر ٿي سچل سائين جي مريد قربان فقير ان جي پيران هڪ ڪافي چئي. نموني طور ان جا ڪجهہ شعر ڏنا وڃن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

شاهہ حسن سلطان، ويک ديواني مٺن ٿيان،
شمع حسن دا ويک تجلي، عقل و علم غلطان،
هوش ڪنون مٺن ڳيان، ويک ديواني ٿيان.
جان جسم وچ برهہ جو وڙيا، پچي ڪيها ارمان،
در سهڻي دي مٺن پيان، ويک ديواني ٿيان،
طرفون حسن دي عشق جو آيا، ڇُم چايا قربان،
مست و مست مٺن ٿيان، ويک ديواني ٿيان. *

ڪاتيار جو ڪلام ڪيترن ئي بياضن ۾ موجود آهي. اتر، وچولي ۽ لاڙ ۾ سندس ڪافيون مشهور هيون. ٺل ضلع جيڪب آباد ۾ قاضي قادربخش واري بياض ۾ سندس ڪجهہ ڪافيون موجود آهن، درازن واري بياض ۾ سندس ڪلام موجود آهي. پير ڳوٺ جي رهاڪو فقير غلام حيدر موچي واري بياض ۾ سندس ڪلام ڏنل آهي. ان کان علاوه ڪِپري کان مليل فقير علي بخش راڄڙ جي بياض ۾ سندس سؤ کان وڌيڪ ڪافيون موجود آهن. سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتب خاني ۾ ڪافين جا ٻہ بياض محفوظ آهن. ٻنهن ۾ فقير عبدالله ڪاتيار جو ڪلام موجود آهي. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ سندس ڪلام سڄي سنڌ ۾ مشهور هو ۽ صوفي فقير سندس ڪلام ڳائيندا هئا.

آخر ۾ ايترو عرض ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو تہ حقيقت هيءَ آهي تہ درويشي ۽ فقيريءَ وارو فيض فقير عبدالله کي پنهنجي مرشد سڳوري وٽان مليو، باقي سندس شاعريءَ ۾ جوش جذبو، خودي ۽ رندي سچل سرمست جي صحبتن ذريعي پيدا ٿي. پير ڳوٺ ۾ اهڙو ادبي ماحول ڪونہ هو، جهڙو درازا ۾ هو. پير صاحب محمد راشد روضي ڌڻي (متوفي ١٢٢٣هہ) تمام ٿورا ڪي مولود چيا. سائين صبغة الله شاه رمتوفي ١٢٤٦هہ) پنهنجي دور جو وڏو عالم هو. پير حسام الدين

---

* بياض: مير حسين علي: ص – ٥٠ مملوڪ مير حيدر علي، ٽالپر ڪتب خانو، حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

راشدي سندن متعلق لکيو آهي تہ "شعر ۽ شاعريءَ ۾ ڪوبہ مڪمل ديوان ڪونہ ڇڏيائين. البتہ سندن ملفوظات تان چند اشعار اسان کي هٿ آيا آهن. (١).

ان دور ۾ فقط پير علي گوهر شاه اصغر (١٢٣١ - ١٢٦٣هہ) هڪ عاشق صادق ۽ وڏو شاعر هو. عبدالله فقير پوڙهو ٿي چڪو هو، پر پير سائين علي گوهر شاهہ اصغر جن اجان ننڍي ڄمار ۾ هئا. هوڏانهن درازا جي ادبي ماحول تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ اتي ڪيترائي ڪافي جا وڏا شاعر موجود هئا جهڙوڪ، حضرت سچل سرمست (وفات ١٢٤٢هہ) حافظ عبدالله قريشي (وفات ١٢٢٣هہ) آخوند محمد حيات حاتم (وفات ١٢٥٥هہ) آخوند گل محمد وفات (١٢٦٨هہ)، آخوند محمد نشان، نانڪ يوسف (وفات ١٢٦٩هہ) ان کان علاوه سچل سائين جا طالب اچي خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا جهڙوڪ: گهرام فقير جتوئي، سيد خير شاه رتيديري وارو، شير خان ٻنيرو، محمد صلاح دونهين وارو وغيره.

پير ڳوٺ ۾ ساز سرود تي پابندي هوندي هئي. فقير عبدالله موسيقي جو شائق هو. اهو شوق بہ ڪين غالباً سچل سرمست جي صحبت سبب نصيب ٿيو. درازا ۾ روزانو راڳ ويراڳ ٿيندو رهندو هو. اهوئي سبب آهي جو فقير عبدالله درازا ويندو رهندو هو ۽ هُو اتان جي ادبي ماحول کان متاثر ٿيو. خاص طور سچل سرمست جي شاعري سندس ڪلام کي بلند مقام تي پهچايو.

ڪراچي

تاريخ ٣ - جنوري ١٩٩٨ع نواز علي شوق

(١) ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون - ص ٦٠٣ انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي - ١٩٨١ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

بيت (١)

”لا“ جا لائي لَنگ، موٽي ڪيئون نہ مسحو،
آڏوتين **عبدالله** چئي، دل تي پيتا ڊُنگ،
ڪوثر نہ آيا ڪاپڙي، گر سان گڏيا جُنگ،
سُنگئون ڇنا سُنگ، ڪي جو سَرِيَنِ ڪاتيار چئي.

(٢)

ڪي جو سرين ڪاتيار چئي، ڏسيو هن ڏاهي،
ڪڇن پڇن ڪين ڪي هِتي هُتي ڇاهي،
هڪ الڪ آهي، آڏوتين **عبدالله** چئي.

(٣)

قريين ڪمان، ڏاڙي خاطر ڏاري،
زهان چاڙهي زور مان، غازي ري گمان،
ان سر بتيون برهہ جون، ان سر قهري ڪان،
اڏرندي **عبدالله** چئي، ان جا نيڻ چٽن نيشان،
طرحين طرحين تان، گهايو گهمن گهور سان.

(٤)

اچي نہ آرام، دلبر بنان هن ديس ۾،
پاتو آءِ پريت جو، دلبر دم دم دام،
عشق جو **عبدالله** چئي، پرين جال پياريو جام
توکي ساه سلام، ديدن سان ديکي ڪيو.

(٥)

ڪانگل ڪک ڪياس، فنا فڪر فراق ۾،
لايموت فيها ولا يحيٰ، مهڙا حال تياس،
مونجهاري مارياس، انهيءَ جي **عبدالله** چئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(٦)

محبت جن جي من ۾، سي مورئون ڪين مرن،
سانديو رکن ساھ سان، جي مٺئون ياد ڪن،
ڪوڙيون ساقي ڪيترا، ساريو سوراتن،
تنين لڌو تن، جنين پاٿھي ڳوليو پاڻ ۾.

(٧)

لوھ پارس لاءِ ٿي، طلب اتي ٿي تم،
طالب پروجھي توحيد کي، فند نہ چاٽي فھم،
لم يلد ولم يولد، چايو نہ ڪنھنجو چم،
اتي بي عبدالله چئي، ريءَ ڪرم نہ اچڻ ڪنھنجو ڪم.
ڪنھن ڪنھن سان ڪرم، ٿئي ھٿئون مرشد معنوي.

(٨)

ڪھيو ڪانگل ڪلھ، اچي اچانڪ آڪيو.
راحت وارو روح ٿيو، منھنجو تنھن مھل،
اٿي ويا عبدالله چئي، مڙئي مثل،
دليئون خام خلل، دعويٰ وارا دور ٿيا.

(٩)

ڪي جو ڪانگل ڪالھ، اچي اچانڪ آڪيو آڪيو.
وڪوڙيو ويل تنھين، ھينئڙو انھيءَ حال،
عجيبن عبدالله چئي، مون سين بيخد ڪيا پال،
دليئون قيل مقال، دعويٰ وارا دور ٿيا.

(١٠)

ڏسن ڪنھن ڏاھي، ٻولي ٻولن ڪانہ ڪا،
ڪنھن کي خبر ڪھڙي، تہ ھِت ھُتي چاھي،
ھڪ الک ئي آھي، آڏوتين عبدالله چئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

(١١)

جن کي ڏئين جيءُ، کهڙو رسڻ تنين سان،
ڪيڪاتي ڪر قطرا، ساهه ستاڻو تيءُ،
ادب پر تي بيهه، جڏهن نالو ڳڏءِ نينهن جو.

(١٢)

سڪندي تان نہ سري، تو ڪيئن سري سپرين،
انهيءَ غم گوليءَ تاهنجي، ڳولي لهي نہ ڳري،
اوهان ريءَ **عبدالله** چئي، ويندي محب مري،
منهنجي نانءِ وري، ڪنهن کي ڪندين سڏڙا.

(١٣)

نيڪيون نيڪن ڪارڻ، بديون بد وارن،
ڪن جون نيڪيون بديءَ بدلو، تيون مثل بد وارن،
ڪن جون بديون نيڪيءَ ڪان پليون، پرور پيارن
يُبَدِّلُ الله سيآتهم حسنات، پُرجهه انهيءَ اشارن،
چيءَ مون چارن، آءُ ناهيان **عبدالله** چئي.

(١٤)

ڪنهنجو ڪرهڻ بي ڪارون، جهڙو ڪنهن جو ڪارون تو ڪرهي،
وئي محبت مون معلوم ٿيو، ڏس وائي ڪي وَرهي،
ڪونہ چوندو ڪڏهين منهن سَرهي، لاءِ جيءُ **عبدالله** چئي.

Scanned by CamScanner

سنڌي ڪافيون

ڪافي

جوڳين هئي ڪل ڪا جا، ڪيائون رمز صحي سندي رام ريجهائڻ

سامين هئي سڌ سا جا، ڪيائون نبض صحي سندي ناٿ نمائڻ

١- من له المولیٰ فله الکل،

ٿيا ڏوڙا تنهين جا ڏاجا.

٢- وينا پڙهن وفي انفسڪم.

طرف ڇڏيائون طمعا جا.

٣- ڀهون ڀنهي جهانن ڪئون ميان

وتن آديسي آجا.

٤- پايو منهن مونن ۾ ميان،

وينا فڪر ڪن فنا جا.

٥- گر وٽان تن گودڙين ميان،

سبق پڙهيا الاالله جا.

٦- عبدالله عاشق عجيب اهي ڏس،

سامي سليم سڀاجها.

بياض: علي بخش راڄڙ

بياض: پريچونڊي شريف

بياض: فقير غلام حيدر موچي

Scanned by CamScanner

ڪافي

رند رندن ڪئون ني وي ميان، ٻڌو اوهي يارو ني وي ميان.
ٿياسي مطلب وارا.

١- لهر لنهنواري وي ميان، هر ڪوئي ترندا وي،
عاشق ترن اوپارا.

٢- عاشق ڪلندي وي ميان، ڪل ڪلائي وي،
شمس پريا نا شوڪارا.

٣- عاشق پڙ ۾ وي ميان، ٿين پڌرا وي،
جاتي ڪَنهن سندا ڪيڏ ڪارا.

٤- عاشق عبدالله وي ميان، چم محرابي وي،
پرين سندي پيزارا.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

بياض: فقير غلام حيدر موچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

اهي پرين اٺي پرتا، تن واڍوڙين، ٻي واهہ نہ ڪائي.
١- مال مڏيون جند جان گهورياٺون،
هٿ ڪنياٺون سر زر تا.
اهي پرين اٺي پرتا.
٢- ٻئي جهان ڇليا ٻن ڏيئي،
سڄڻ تو ري نہ سرتا.
اهي پرين اٺي پرتا.
٣- نيڻن جا ور واجهہ ڪري،
تو جي واڍوڙيل ورتا.
اهي پرين اٺي پرتا.
٤- **عبدالله** چوي پاٺون پيرن،
خودبينيءَ سان پرتا.
اهي پرين اٺي پرتا.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ
بياض: علي بخش راڄڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

لنئو ڪانگل ڪڍهن ايندا،
جوڳيئڙا ميان.

١- مرليون سرليون ني وو ميان، ساز ستاران،
وري اڱڻ تي وڄائيندا.

٢- هادي مهدي ني وو ميان، راهه حقيقي وو،
ڏڏن ڏسڙو ڏياريندا.

٣- رخ لاهوت ني وو ميان، لال لنگوٽيا وو،
ساهه اندر سيپائيندا.

٤- عبدالله کي ني وو ميان، عشق الانبا وو،
مچ ملنگ مچائيندا.

بياض: علي بخش راڄڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

منهنجا شال سلامت ايندا،
جن لئي ويٺي ڪانگ اڏاريان.
١- پنهنجي سانگي پڪا مون پاڙي،
اوري عجيب اڏيندا.
منهنجا شال سلامت ايندا.
٢- جانب آيو جوءِ ۾ جيڏيون،
سختيون سور لڏيندا.
منهنجا شال سلامت ايندا.
٣- عبدالله ڪان منهنڙو مبارڪ،
محب نہ مور مٽيندا.
منهنجا شال سلامت ايندا.

بياض: علي بخش راڄڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

يار پرديسيءَ سان ڪيئن منهنجا نيڻ لڳا،
١- ساهي ساهي ساهہ منهنجي ڪي
ٻڌئون سڪ وارا سڳا.
پرديسيءَ سان نيڻ لڳا.
٢- راتيان ڏينهنان روح منهنجي ۾،
آهي تار تنين جي تڳا.
پرديسيءَ سان نيڻ لڳا.
٣- غلم غاليچا طول وهاڻا،
ٻن وجهان ويس وڳا.
پرديسيءَ سان نيڻ لڳا.
٤- عشق اوهان جي ميان لا،
عبدالله جا پول پڳا.
پرديسيءَ سان نيڻ لڳا.

بياض: علي بخش راڄڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

ناز مٺا نيڻن جا، ڪنهن ڪئون سڪئين ڪهه مون پرين.
١- نيڻ مٺا ناز ڀريا ميان وو، سيباٽر سيڻن جا،
ڪنهن ڪئون سڪئين ڪهه مون پرين.
٢- سخن جياپو جيءَ جو ميان وو، محب تنهنجي ميٺن جا،
ڪنهن ڪئون سڪئين ڪهه مون پرين.
٣-ڪيئي قيد ڪنگال ميان وو، ونگ وجهي ويٺن جا،
ڪنهن ڪئون سڪئين ڪهه مون پرين.
٤- عبدالله ڪي موهيو اکڙين ميان وو، ڪل نه هئي ڪيڻن جا،
ڪنهن ڪئون سڪئين ڪهه مون پرين.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ
بياض: پرچونڊي شريف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

سمندر وانگر ساهه منهنجو،
جالي جوشن منجهه ڏينهن رات.

١- آتش آسڻ، آتش اوچڻ،
آتش هئين پيرين، منهن سر وات.

٢- آتش عشق اليلان ڪيڙيون،
ڄيري ڄيبون لايون ياتون يات.

٣- سرڪش عشق جي آتش يڪسان،
شامل سيتي ذات صفات.

٤- عشق آڙهه عبدالله خليلي،
ٻجهائڻ واري ٻولي ٻول مَ بات.

قافيون جلد پهريون، ڊاڪٽر بلوچ، ڪلام ٢١٦، ص ١٣٣

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

مَنو مِٺي پنهنجي هوت، ڪيئن گهران، توڙي روهين مران،
توبهہ مَنو مِٺي هوت، ڪيئن گهران، توڙي چنگين چڙهان.

١- ويهان ڪيئن وو پنيور ۾ وو ميان،
ور ري ڳڻيو ڪيان ڳوٺ.

٢- سڪ پنهنجي وو آهر سرتيون وو ميان،
قدم ڪٺان اڳي ڪوٺ.

٣- مر پائي وو جنڌڙي ڪان جتن وو ميان،
پهہ وٺن ۾ پوٺ.

٤- عبدالله سانگو وو سر جو وو ميان.
آهي اٺاوڻ توٺ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

سيٽن جا چٽ چاٽ، لوهہ لڳن ٿا،
هنيڙي منجهہ هزارين، الو الو.

١

ڏير ڏسيو منهنجو ڏيل ڏڪي ٿو،
هوتن هڻي تير ٽڪي ڪو،
ڪٽي جان اندر جهٽ جهاٽ.

٢

پنهل جي پاتم جيءَ ۾ جڙي،
ڪانہ سڃاتم چوري چڙهي،
ويا چانگن تي چٽ چاٽ.

٣

عبدالله ڪي راهہ ۾ رسج تون،
پاٺي پيارا پاڻ پسج تون،
اچي وي هٿ واٽ.

بياض: علي بخش راڄڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

هيءَ نماڻي نيٺ، وري پنهنجي وطن ورندي،
پنهنجي وطن ورندي، سائينءَ ري نا سرندي.
١- ٽر ڄاين جي سومرا ميان،
آيس مهٽي هيٺ.
٢- جهوري جهانگيئڙن جي ميان،
جيئن ڪتي، تيئن ڄيٺ.
٣- منهنجي ماروءَ ڄام سان ميان،
ڪڏهن ٿيندي ڏيٺ.
٤- ان ري عبدالله چئي ميان،
کهڙي مارن ميٺ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

صورت سانگ سجاڻج، ڀلو ير، صورت بيک ٻڌائج،

ايهو اٿئي سر اونهون اسرار انهيءَ جو.

١- صورت توسان جا هک هئي، تنهن سوا ٻيو ٻول سپوئي،

ات يقينو آڻج، ايهو اٿي سر اونهون اسرار انهيءَ جو.

٢- صورت جو جي لباس لکين تون، تان ڏسين حق ظاهر اکين تون،

سچ سخن ايءُ ڄاڻج، ايهو اٿئي سر اونهون اسرار انهيءَ جو.

٣- صورت بيک ۾ آئين سيلاني، آئي تو مون ڪئي قرباني،

ٻئي طرف نہ تاڻج، اٿي سر اونهون اسرار انهيءَ جو.

٤- در لباسن سر لباس هي، خانن ۾ اٿي خانو خاص هي،

ايڏاهون م اُڪاڻج، ايهو اٿي سر اونهون اسرار انهيءَ جو.

٥- پرتئون پير پرجهي نا پاتئي تان صحيو حق ڪين سڃاتئي،

وينو آپ ويڪاڻج، ايهو اٿي سر اونهون اسرار انهيءَ جو.

٦- **عبدالله** صورت جو نانءُ ٿي، سارو وحدت وارو ڳانءُ ٿي،

بحرين موجان ماڻج، ايهو اٿي سر اونهون اسرار انهيءَ جو.

پنجون بند فقط علي بخش واري بياض ۾ موجود آهي.

بياض: علي بخش راڄڙ

بياض: جهان البحر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

پورهيت سان پرين پارج، پلو يَرَ،
ڪيئي قول ڪوهيارا جي پاهنجا،
ٻڌئي ٻول ٻاروچا جي پاهنجا.

۱- جودئون اچڻ جا قول ڪيئي جي،
اوهي دليئون نہ اتارج، پلو يَر
پورهيت سان پرين پارج.

۲- پاٺهون پورهيت پانهنجي ميان،
ويل ڪنهين نہ وسارج، پلو يَر
پورهيت سان پرين پارج.

۳- ڏکيا سکيا ڏينهڙا ميان،
گوليءَ گڏ گذارج، پلو يَر
پورهيت سان پرين پارج.

۴- **عبدالله** چئي اچ الله لڳ،
ڏکيءَ منهن ڏيکارج، پلو يَر
پورهيت سان پرين پارج.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ
بياض: علي بخش راڄڙ
بياض: فقير غلام حيدر موچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

كافي

رمزن واري سهڻي رند، سالڪ رميا سمجهه سان پورا.
عاشق رميا عشق سان.

۱- رند انهيءَ تي يارو رمزن واري
چندين باهڙيا چند.

۲- رند انهيءَ سان يارو عاشق رميا،
آهي ٻين لئي سا ٻند.

۳- ناز انهيءَ سهڻي نازن واري،
دلبر ويا دلبند.

۴- دو جڳ ڏٺي، عبدالله اتايو،
آيس عشق پسند.

بياض: علي بخش راڄڙ
بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

رمزن جي سهڻي راند، عاشقن آهي عيان جيوين،
رمزن جي رندي راند برهہ سائن ڪئي بيان جيوين.
۱- راند رندن جي ڪا راندين جيهي وو ميان،
پوتي نہ ڪنهن جي پاند.
۲- ديدان ديدن سان جوڙيون جن جهدئون،
تن کي ويکڻ ڪئون نا واند.
۳- ڏسڻ ڏنڙو جن ڏسڻ سان وو ميان،
پسڻ تنهي جي پلاند.
۴- عاشقن لاءِ عشق حسن جي ميان،
آهي اصل هيڪاند
۵- عشق عاشق عبدالله حسن ہيلي،
ٿيئي هڪ هيڪاند.

بياض: علي بخش راڄڙ
بياض: سنڌي ادبي بورڊ
بياض: فقير غلام حيدر موچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

مان بيداد، مان بيداد.

۱ـ نہ مان مرده، نہ مان زنده،
نہ غمگين نہ شاد.

۲ـ نہ مان صالح، نہ مان هود،
نہ ثمود نہ عاد.

۳ـ نہ مان مجنون، نہ مان ليليٰ،
نہ شيرين نہ فرهاد.

۴ـ عبدالله خبر اها ناهي،
ڪير بشر بنياد.

بياض: علي بخش راڄڙ
بياض: فقير غلام حيدر موچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

ساري لوڪ ٻڌي آئون آهيان، وو دلدار يار تنهنجي،

١- ساري لوڪ ٻڌي سئي آهيان، توڏنهن آس اميد نہ لاهيان،
تنهنجو اجهو وٺيو ويٺي آهيان، وو سنڀار يار تنهنجي

٢- تو لئي عاشق وتن اداسي، ٻهون آهن پي پياسي،
اٿن خواهش ملڻ جي خاصي، وو مختيار يار تنهنجي.

٣- هو اچانڪ گڏيم اولي، تنهن ڀڳڙم بيشڪ ٻولي،
توکي لعل لڌم ڳر ڳولي، وو نروار يار تنهنجي.

٤- تون تہ احدئون عبد سڏائين، توکي ڪير ڏسي هن ڏائين،
عبدالله حجاب اڏائين، وو اظهار يار تنهنجي.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ
بياض: علي بخش راڄڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

ڏسان جاڏي تاڏي سهڻو يار ميان،
اڇي نظر نہ ٻاجهئون يار جي.
۱- بيٺو آهي صورت وچ ۾.
سهڻو سڀ ڪنهن پار ميان
۲- ري شرڪ جي ڪين ڪي ايندو،
نظر نهاني اسرار ميان. *.
۳- آدم ٻاجهئون ڪير ڪٿي،
برهن وارو بار ميان.
۴- ديدن دريون ڪوليون،
چوطرف چوڌار ميان.
۵- اسان پرين عبدالله چوي،
ناهي وٿي هڪ وار ميان.

قافيون جلد پهريون، ڊاڪٽر بلوچ، ڪلام ۲۲۰، ص ۱۳۵
بياض: فقير غلام حيدر موچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

منهنجي يار اچڻ جي قاصد قربئون ڪا وائي ڪر.
آئي منڊ ميلاپ جي، تون جودي خبر ڪا جائي ڪر،

۱- توڪي آهي جا آنديءَ خبر ڪا، اها سڌ سيائي ڪر.
هن دردونديءَ جي دل ڪي، ڪي تہ خوشيءَ جي وائي ڪر،

۳- گفتار ڪا گل حسن جي، لاڪيٽي نہ لڪائي ڪر.
آئي اوڌاهون ڳالهہ ڪا جا سا سڀ پر سٺائي ڪر،

۴- بيحد بسنت والڙي رت، شوقئون ڳائيون ڳائي ڪر،
عبدالله چوي عشق جي وائي، ثابت دل سٺائي ڪر.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

مرشدَ اسان جي مختيار، لکين مبارڪان،
سونهن پرئي سردار، ڪوڙين مبارڪان.

١- سونا سنج سونهن سر گهوڙي،
سي جا سونهن سوار.

٢- پرڻي رات منهن مگڻن کي،
ڏاڻ ڏنا ڏاتار.

٣- سونهن موڙ سروپا سوني،
پير پرين پاڳار.

۴- عبدالله چوي اميدان اسان جون،
پوريون ڪيون پروار.

بياض علي بخش راڄپر
پروار = پرور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

هنيڙي وطن جي اکير، لو ساھ سانيھ جي اڪيرلو،
آهيان مارن ري گهٽو هت ماندي ماندي.
۱- مارن ڏاران هت ڏيھ پرائي، ڪير ڏيندم دلڏير لو،
آهيان مارن ري گهٽو هت ماندي ماندي.
۲- جف القلم بما هو ڪائن، توڙئون جا هئي تقدير لو،
آهيان مارن ري گهٽو هت ماندي ماندي.
۳- ڄاتم ني نہ جهانگين ڪون، تنهن ماريس تدبير لو،
آهيان مارن ري گهٽو هت ماندي ماندي.
۴- لاڪيٽي لوئي لال لگن تي، ڪوھ ڪريان پٽ چيرلو،
آهيان مارن ري گهٽو هت ماندي ماندي.
۵- ڪيهي ايرادي **عبدالله** چوي، آٽي جو ڪيس اسيرلو،
آهيان مارن ري گهٽو هت ماندي ماندي.

بياض: علي بخش راهپر
بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

سندا سگين ساز، مونکي موهي، جوڳي ڪنهن جُوءِ ويا،
يار مونکي موهي، جوڳي ڪنهن جُوءِ ويا.

١- هيري دل هٽي ويا وو،
ساڻ نسوري ناز
مونکي موهي، جوڳي ڪنهن جُوءِ ويا،

٢- سُيمِ سنياسن جون وو،
آلاپون آواز
مونکي موهي، جوڳي ڪنهن جُوءِ ويا،

٣- سٽي ساهَ سکهو ٿيو وو،
رمز سندن جا راز
مونکي موهي، جوڳي ڪنهن جُوءِ ويا،

٤- آيا **عبدالله** چئي وو،
اُوهي نانگا دل نواز
مونکي موهي، جوڳي ڪنهن جُوءِ ويا،

بياض: جهان البحر

بياض: فقير غلام حيدر موچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

ڪيها ڏاڍن تي ڏک، ڙي اديون، لکيو پنهنجو تي لوڙيان.

۱- ڪش نہ اچن ڪانڌ ري ميان،
سرتيون ساٿيھ جا سک ڙي اديون.
لکيو پنهنجو تي لوڙيان.

۲- ڏئي ويرم پنهنجي وو پسڻ جي ميان،
ٻجي اکين کي ٻک ڙي اديون.
لکيو پنهنجو تي لوڙيان.

۳- ڏئي ڏولاوا وو ڏکن جا ميان،
تک ڏيکاري تک ڙي اديون.
لکيو پنهنجو تي لوڙيان.

۴- عبدالله آکي ني وو، ان جي ميان،
جيئڙي منهنجي جک ڙي اديون.
لکيو پنهنجو تي لوڙيان.

بياض: علي بخش راڄڙ

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

خوني نين دل نسنگ وي ميان، ويو نازن ساڻ نهوڙي.
١- ڪڏي ڪاڪل هڻن خنجر، ڪن ڪار ڪهڻ جي قاتل،
اڻن رخ ۾، شال جيوين، اڻن رخ ۾ اهو رنگ وي ميان
چڏيا ڄاني زلف چوڙي.
٢- ايهي ابرو روز اڻڪن، جيئن ترڪش دي تير چٽڪن،
جيوين چاڙهيو، شال جيوين، جيوين چاڙهيو فوج فرنگ وي ميان
اتي مشتاق منهن نہ موڙي.
٣- محبوب ڪيو من مستانو، جنهنجو تهہ دل سٺم طعنو،
وجهي ويا ڀهڳڻ، شال جيوين، وجهي ويا ڀهڳڻ ڀنگ وي ميان،
ويٺو خيما خوب ڪوڙي.
۴- آکي عبدالله رمز اوکي، سا تہ سمجهڻ نانهن سوکي،
ايندو نرمل، شال جيوين، ايندو نرمل وٺي ننگ وي ميان،
ويندو يون وايون سپ وچوڙي.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ
بياض: جهان البحر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

كافي

تو لئي اڏايان ڪانگ وو، پلا پلا ڪانگ وي ميان،
ماري هان تنهنجڙي سانگ پلا پلا.
١- تون لوءِ منهنجي وو ميان، لَهہ اچي ويو ميان،
يار چڙهي سر چانگ پلا پلا.
٢- سگهڙو اِسان ڏي وو ميان، موٽ ڪوهيارل وي ميان،
واري سو ڪرهل لانگ پلا پلا.
٣- ائئي پهر وو ميان هوت، اوهان ري وي ميان،
آهي سو هنڙي ڏانگ پلا پلا.
٤- عبدالله اوهان ري وو ميان، يار پيارا وي ميان،
آهي سو هت گهٽو اڙانگ پلا پلا.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

انگ لکيو هُمرِ* انگ ڙي، منهنجو پهرين ڏينهن پنهل سان.

١- جهڙي تهڙي وو آهيان هٿن جي ميان الا،
نيندا نباهي ننگ، انگ لکيو هم انگ ڙي،
منهنجو پهرن ڏينهن پنهل سان.

٢- ڪاڪيون چيٽڙن سان ميان الا،
لڳم نينهن نسنگ، انگ لکيو هم انگ ڙي،
منهنجو پهرين ڏينهن پنهل سان.

٣- هو جيڪي ڪرهل ڪيچين جا ميان الا،
هوند وجهان تن ونگ، انگ لکيو هم انگ ڙي،
منهنجو پهرين ڏينهن پنهل سان.

٤- اديون عبدالله سان ميان الا،
راس رچيائون ڪو رنگ، انگ لکيو هم انگ ڙي،
منهنجو پهرين ڏينهن پنهل سان

بياض: عطا محمد حامي
* هُمرِ = هيم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

كافي

لٽي نينن دل نسنگ، وو ميان! منهنجي نازن ساڻ نهوڙي.

١- ايهي ابرو روز اٽڪن، جيوين ترڪش دا تير چٽڪن،
چاڙهي فوج وت فرنگ، وو ميان! اٽي مشتاق منهن نہ موڙي.

٢- هٿن ڪيير ڪٽي ڪاڪل، ڪرن ڪار ڪهڻ جي قاتل،
اٿن رخ تي ايهو رنگ، وو ميان! چڙيا جانب زلف چوڙي.

٣- محبوب ڪيو من مستانو، جنهن جو تهدل سنر طعنو،
وجهي ڀهڳڻ وياسي ڀنگ، وو ميان! وينو خيما خوب کوڙي.

٤- آهي **عبدالله** رمز اوکي، سا تہ سمجهڻ ناهي سوکي،
ايندو نرمل ڪٽندو ننگ، وو ميان! ويندي‌يون وايون سڀ ويجوڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

نماڻيءَ جو ننگ، وو، تو تي آهي شل تون جيوين.

١- لڳو آهي وو نہ لهي ميان لا،
آلا ڀاروچل جو ڀنگ.

٢- وٺيو ويٺي آهيان ميان لا،
آلا تنهنجو نام نسنگ.

٣- لڪ تون صاحب سبتو ميان لا،
آلا ابتو ميٺي انگ.

٤- نيئي نماڻيءَ نوازيو ميان لا،
آلا ڏيئي رويت جو رنگ

٥- مون ٽئون لاهج وو سپرين ميان لا،
آلا ظلماتيءَ وارو زنگ.

٦- دلڙي عبدالله جي ميان لا،
آلا وصل پنهنجي سان ونگ.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ
بياض: فقير غلام حيدر موچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

صاحب منهنجي پير پاڳاري، صاحب منهنجي سنڌ واري،
بادشاهي بر حال يارو
١- پڳ ٻڌائين وو پيڙهي ويٺو، وو پيڙهي ويٺو،
دانهه پير دُر لال يارو.
٢- روءِ زمين تي وو روشن ٽيڙو، وو روشن ٽيڙو،
مهدي شمس مثال يارو.
٣- عرشين ڪرشين وو پڙها گهمايا، وو هوڪا گهمايا،
لکياري لک پال يارو.
٤- معلوم توکي وو مرشد سائين، وو پيرل سائين،
عبدالله جو احوال سارو.

بياض: علي بخش راڄڙ
بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

منهنجا ننگي ٻاروچا تنهنجا ٻول،
آءُ ڪا وساري وو ويهي رهان.
١- تو لئي ڏينديس ني وو، تون جيوين يار وي ميان،
سا وڻ وڻ هيٺ وڙول.
٢- پيرين پڌري ني وو، پدمن ۾ يار وي ميان،
تنهنجي ڄام لاڪيٽي ڄول.
٣- پرين پارج ني وو، پنهنجا يار وي ميان،
ڪيڙا هئي جي مونسان قول.
٤- آهي عبدالله ڪي ني وو، نئين سج نت وي ميان،
تنهنجي ڳلي ڳلي ۾ ڳول.
منهنجا ننگي ٻاروچا تنهنجا ٻول،
آءُ ڪا وساري وو ويهي رهان.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

ڪاڪيون اڄ ڪانگل، ووءِ ووءِ، آندي خبر پريان جي اچڻ
جي،
آندي سڌ سائين جي اچڻ جي.

١- کھڙي سانگي تون يار اسان ڪٿون،
پاسي تيڙون پل ووءِ ووءِ.

٢- آندي ڪتابت پرين اچڻ جي،
ساري سڌ سانول ووءِ ووءِ.

٣- ڪي جو ڪانگ کھي اچي سڻايو،
دلداريون دل دل ووءِ ووءِ.

٤- سڀ پيرائتي ڪانگي آندي، *
قريباٽي ڪل ووءِ ووءِ.

٥- دلڙي عبدالله سنڌي اڄ،
کلي وانگي ڪنول ووءِ ووءِ.

---

* هي شعر بياض علي بخش ۾ وڌيڪ ڏنل آهي.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

بياض: علي بخش راڄڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

تنهنجي جوت جمال، جيءَ کي جوڙي جادو ڪيڙو.
١- لکين هزارين حوران پريون،
چشمن چوري ڪيون سڀ چريون،
ڪئيون حسن ڪمال، ناز نهوڙي تن کي نيڙو.
٢- نيئي ڏاڙي سان دام وجهن دل،
هوت اچن هت موٽي مشڪل،
منهنجي چاهي مجال، ورهه وڪوڙي وس آ ويڙو.
٣- لٿيو لاشڪ "لا" لساني،
زور زري ۾ بات زباني،
موهيو جيءَ کي مقال، ڪيئن منهن موڙي محڪم ٽيڙو.
٤- عبدالله عاشق پرتئي پارس،
واعدو وفائي جو ڪر ڪو وارث.
ٻڌ سائل جا سوال، ڇڏج ۾ ڇوڙي پيوند پيڙو.

بياض: علي بخش راڄڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

رمز رندن جي جو رخ ڪاڏي، عشق عشاقن جو رخ ڪاڏي،
ايها مشڪل پرجهڻ مام.

١- رند ميخاني مست موالي، ٿين اچڻ سان آپ ڪنون خالي،
پيون جُنگ پُر ڪيون جام.

٢- رمز رندي رند چوٽ چلائن، اپني جا التيو پي سان لائن،
گويا تنهين جي ڪاڏنهن خام.

٣- ديدان رندي ويڪو ڪجهه ديڪن ٿيون، هر خاني خود آپ ويڪن ٿيون،
انهن اکين منجهه درس جا دام.

٤- اکين عشاقن جي ڪيون چاليون، بازن وانگي تن پرتئون پاليون،
ناهنِ هريون اتي قوت حرام.

٥- **عبدالله** اکڙيون پر سان لايون، عشق خريد ڪري گهر آيون،
سائڻ حسن جا هل هاگام.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

بياض: درازا

بياض: فقير غلام حيدر موچي

بياض: علي بخش راڄڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

دوست بنان هڪ دم ووءِ ووءِ، نہ تي جالي سگهان پرڏيهہ ۾،
نہ تي گهاري سگهان ٻينر ڙي.
١- جوئي آهي ني وو سو ويٺي ٻاريان الا، لکيو لوح قلم ووءِ ووءِ،
نہ تي گهاري سگهان ٻينر ڙي.
٢- جدائيءَ جي ني وو، مونکي ماريو الا، دوستن جي دل غم ووءِ ووءِ
نہ تي گهاري سگهان ٻينر ڙي.
٣- اگڻ آسروندي جي ميان الا، قربئون ڏيج قدم ووءِ ووءِ،
نہ تي گهاري سگهان ٻينر ڙي.
٤- دوست نہ تي دم دور اسان ڪان، جاني ويهہ تون جم ووءِ ووءِ،
نہ تي گهاري سگهان ٻينر ڙي.
٥- عبدالله ڪي ٻاجهئون عجيبن، ڪهڙو آهي فهم ووءِ ووءِ،
نہ تي گهاري سگهان ٻينر ڙي.

بياض: علي بخش راڄڙ
بياض: سنڌي ادبي بورڊ
بياض: فقير غلام حيدر موچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

مانجهي اچي ميخان ۾، سورهيه سوين سر تا ڏين.

١- پنهنجو پڌر ڳجهه پاڻ ڪيو، آڳي اچي انسان ۾،
پانو ڪنهن پهه پور جي، جلندا وتن جولان ۾،
سي ڪيئن جدا جڳ ۾ جين.

٢- صاحب لکين صفتون سندن، قادر ڪيون قرآن ۾،
ڪنڌ قتل ڪئون نا ڪڍن، فائق آيا فرمان ۾،
پر جام او پل پل پين.

٣- بيٺا سڄڻ کي سامهون، محبت سندي ميدان ۾،
مجيئون شهادت شوق مئون عاشق آيا ايمان ۾،
پڙ ڪان نہ تا پاسي ٿين.

٤- عبدالله ايها عبرت ڏسي، هر ڪو پيو حيران ۾،
مشتاق ٿيا محبوب جا، نينهن جي نيشان ۾،
حب ڪا اٿن اندر هنين.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

آيو مرسل مياڻين ۾، آيو مرسل ملاحن ۾،
وڳيون ڇيريون او ٽي ڇم ڇم.

١- پائي ڄٽيان نچيا ناچو، وڄايئون ساز سارنگي،
ڪيڏيون عشق جي بازي، رهن اتي راند رم رم.

٢- سمي آئي ٽيون شاديون، مهاڻن تہ ملاحن ۾،
ملي ميندي ڪلي خوشبو، لاتي حورن اتي دم دم.

٣- عبدالله جي گهر آيو عالي، ولايت فيض جو والي،
ورهائين نور جي نالي، پياريندو اتي زم زم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

عشق ڪيس عريان، صبر سيوئي سڪ وڃايو.

١- خلق الله آدم اسمع،سمجهه صوفي ڪل شيءِ يرجع،
صوفي آ سلطان.

٢- واما بنعمت قول ڪليمي، سانڍڻ سڪ جو صفت سليمي،
نعمت جو ڪفران.

٣- احمد حنبل عشق نہ ڄاڻي، مالڪ شافع فرق ڏي تاڻي،
ڪيا ڄاڻي نعمان.

٤- ”ميم“ لٿي ڇو ”احمد“ چاهي، سڪ وارا ويا اوڏهن ڪاهي،
قرب ڪيا قربان.

٥- عرب عين ري سمجهه تہ چاهي، **عبدالله** ڇڏ عبد ڪي لاهي،
ترڪ سنت طغيان.

قافيون جلد پهريون، ص ١٣٥

بياض: جهان البحر

بياض: درازا،

بياض: فقير غلام حيدر موچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

قيد ڪنگال ويٺي گهاريان، منجهه پرڏيهه،
ڏيهه تہ منهنجو ماروان.

١- قيد قضا جي ڪوٽ ۾ ميان،
ويٺي سانگيڙا ساريان.

٢- آيم ڏينهن ڏکيا جيءَ جالڻ،
هڪ پرڏيهه ٻيو ڌاريان.

٣- ساڙيهہ پاڇهڻون ساعت نہ سک مون،
گهٽو گوندر تي گهاريان.

٤- پنهنجي منهن ماتام منهنجي دل،
روئي روئي هنجون هاريان.

٥- **عبدالله** چوي انگ جو لکيو هو،
سو تي پرڏيهه ۾ پاريان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

راتو ڏينهان رمز انهيءَ ۾، نينهن ڪيو نيشان ڦرن.

١- حق دلاسي ديدار دوست جي،

دلبر تي ديدان ڦرن.

٢- پسي شعلو شاهه حسن جو،

حيرت منجهه حيران ڦرن.

٣- مثل يوسف عشق زليخا،

مصر بازار بيران ڦرن.

٤- ڪپي ڪنڌ ڪلهن ڪئون ڪوري،

ڪامل تي قربان ڦرن.

٥- عبدالله عاشق اداسي اهڙا،

جان ڇڏي بيجان ڦرن.

راتيان ڏينهان رمز انهيءَ ۾،

نينهن ڪيو نيشان ڦرن.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

ڏوهه ڏيان آءُ پنهنجي ڏکين ڏينهن تي،
کهڙو سندم ڏوهه ڏيرن تي،

١- ڇو ڇڏيان پنهنجي پنهل جو پيرو،
ڪاف مران مر ٿئي ڪانگيرو،
پانيڻ جي شل ھيرن تي وو.

٢- آءُ پنهل جي، ذات پرٽياڻي،
پورهيت ٽينديس پريند يس پاڻي،
خان پنهل جي ديرن تي وو.

٣- آري ڄام جي سڪ اندر ۾،
ووڙيان ووڙي ٽينديس ور ۾،
نسنگ نهاريان نت سيرن تي وو.

٤- عبدالله چئي هي جڳ هو جڳ،
ٻئي جهان ڇڏي لڙهم لالن لڳ،
دل جي پرنه دليرن تي وو.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

منهنجي الغرضي سان اڙي اڙي، دل ديواني ڪئي درسن.
١- جيئن وتي بيراڳڻ بلبل، آ گفتو ان جو گل گل،
تيو هادي جي حسن جو هل هل، فوج چوڏاري چڙهي چڙهي،
لٿي دل روبرو رانجهن.
٢- ڏنس جذين يار ڏيکاري، بيوس ٿي تنهن وير ويچاري،
اتس سهٽي رمز سيکاري، سڪ انهيءَ ۾ سڙي سڙي،
جهلي گهاؤ اندر گلشن.
٣- نين نيڻن جي ناز نظاري، هر ويل سجڻ پئي ساري،
وجهي دل کي دام ڏتاري، جانب ڪا جڙ جڙي جڙي،
موهي ماڻ پرئي موهن.
٤- عبدالله عشق عجيب جو اهڙو، ڪريان بيان تنهنجو ڪهڙو،
جذبي جوش جاڳايم جهڙو، گهاريان هت نا گهڙي گهڙي،
لڳو تير توڙئون منجهه تن.

بياض: علي بخش

بياض: درازا

فقير محمد صلاح جي درگاهه تان منتشر ڪاغذن مان مليل هڪ ڪافي

بياض: فقير غلام حيدر موچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

مونکي مارن ميڙئين عمر ڄام ميان! مونکي مارن ميڙئين الو ڀلو،
سانگين ميڙئين الو ڀلو.

١- منهنجي پارئون سومرا ميان،
جهانگين سان نہ جهيڙئين ميان.

٢- اڄي تہ عمر ڪوٽ ۾ الا،
ڪيئن وساريان ويڙهئين ميان.

٣- سانگين ٻاجهئون شهر هي لا،
آءُ تي ڀانيان ڀيڙئين ميان.

٤- ان ميڙئين عبدالله چوي،
آهيان جنهنجي ڪيڙئين ميان.
مون کي مارن ميڙئين عمر ڄام ميان.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

منهنجي درد فراق جون دانهون وو، وڃي چئج پنهل کي پانڌي،
سڄڻ کي ساٿي، الهہ لڳ اوٺي.
١- هيڏي جدائي يار جيئين تون، محب سڻي ٿي مانهون وو،
ڪج هادي لڳ هيڪاندي.
٢- گهوريو وڃوڙو ٻن پيو هي هي، ڪرم لکيو ڪاڏانهون وو،
ڪڏهن ٿيندس ورهہ ڪٺون واندي.
٣- ٻاجهئون اوهان هت ڪنهن سان اوريان، ڳجهہ اندر جون ڳاهون ڙو،
هت ڪيهي ارادي آندي.
٤- عبدالله سنديون وڃي آکج، ڪول عجيبن آهون وو،
آهيان منهن ڏسڻ لئہ ماندي.
منهنجي درد فراق جون دانهون وو، وڃي چئج پنهل کي پانڌي.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ
بياض: علي بخش راڄڙ
بياض: فقير غلام حيدر موچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

كافي

اکيون عجيبن سان اڙيون،
منهنجون روز ميثاقي.
١- جهليون پليون ڪين رهن ٿيون،
وڃي سوليءَ چڙهيون.
اکيون عجيبن سان اڙيون
٢- اکڙيون منهنجون طرف تنهنجي،
تکن روئن کڙيون.
اکيون عجيبن سان اڙيون
٣- **عبدالله** آکي ايئن جو تيڙو
وڃي امالڪ اڙيون.
اکيون عجيبن سان اڙيون،

بياض: علي بخش راڄڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

كافي

چاليون نراليون، تنهنجون پيارا،
تنهنجون پاڳارا.
١- ساڻ چنيڻ جي چتيون پلو لا،
ديدان دوناليون، تنهنجون پاڳارا.
٢- تنهنجون آهن توسان پلو لا،
متيون جي ڳالهيون، تنهنجون پاڳارا.
٣- ٽپي هن پر پيڙيون پلو لا،
كيفي كماليون، تنهنجون پاڳارا.
٤- روز ازل كئون عبدالله كي پلو لا،
ڏنيون درد ڏمالون، تنهنجون پاڳارا.

بياض: علي بخش راڄڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

منهنجا لاهوتي ويا لا مڪان، سور پرين جا سٽڪن ٿا.
١- لاهوتي لنئو لائي هليا، جيءَ ۾ جوش جاڳائي هليا،
محبت مچ مچائي هليا، جٽيون ڀڏيون آهن جڙيا جوان،
عشق اري منهنجهہ اٽڪن ٿا.
٢- سڱيون سهيليون ڇوڙي هليا، ڏئي ترڪ طمع کي ٽوڙي هليا،
محبت ۾ منهن ڪوڙي هليا، ڪشيو هٽن ٿا قرب جا ڪان،
سوز فراق جا ڦٽڪن ٿا.
٣- نانگن سان مون نينهڙو لائي، جان جگر ڇڏيا جيرا جلائي،
اهي آڌوتي الـــهہ مـلائي، **عبدالله** انهـن کـي سـڃاڻ،
مرگهہ وانگي جيڪي مٽڪن ٿا.
منهنجا لاهوتي ويا لامڪان، سُور پرين جا سٽڪن ٿا.

بياض: علي بخش راڄڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

مون کي ڏاڍن ڏکن سان، راتو ڏينهان،
جيڏيون جالڻ آيو.

١- سرتيون سڀيئي وو قول محبوبن،
سرتين بخت سوايو.

٢- سون سُکن ۾ ڏٺي تنهن درد کي،
سوچري مون سرچايو.

٣- ساهُ سورن کي ڏئي سو عبدالله ميان،
روز اجل ڪان آيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

ڏي ڪا دلدار دلداري، مئن ماري تنهنجي ماٽي

١- گوهر غمثار وو ميان اکين آڌار،

آءُ سائين هلي آءُ حال هتي هاٽي.

٢- هنيڙو حيران وو ميان توري تابان،

ڪڏهن ڏيندؤ خوشي هن ڪاٽي.

٣- توري واهه ڪا ناهي **عبدالله** ڪي،

سائين! وڇوڙو لاهه ويڳاٽي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

نانگن سان نينهن لائي، جوڳين سان جڙ لائي،
پٽڙا پور پلڻ، ڪيس ورهہ ويراڳڻ.
١- جوڳي هلندا، رات نہ رهندا،
گھاءُ تنين جو تو گھائي.
٢- ويڙا سامي روز مدامي،
پورب پنڌ پڇائي.
٣- تن سامين تان سِر صدقي،
پل متان ڪا ٻي پائي.
۴- عبدالله ڪي عشق اهيئي،
نئين سج نيڻ وهائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

هُتئون هلي هِت آئين، يار!
تون تان ڪهڙي سانگي، منهنجا سانگي مٺڙا.
١- احدئون عبد زمين تي آئين،
منجهه صورت سمائين وو يار.
٢- منجهه آدم جي صورت مٺڙي
نوع نوع نانءُ رکائين وو يار.
٣- ظلوم جهول چو ڪم ڪيهي،
لڪ ڇئو تہ ڇوٽو سڏائين وو يار.
٤- عبدالله ڪئون عشق بازيءَ ۾،
لالڻ منهن چو لڪائين وو يار.
هُتئون هلي هِت آئين، يار!
تون تان ڪهڙي سانگي،

بياض: علي بخش راڄڙ
بياض: سنڌي ادبي بورڊ
بياض: فقير غلام حيدر موچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

نيهن نہ لاوڻ سڪان،
جي ڄاڻان جيڏيون.
١- ماندي ڍولڻ دلڙي موري،
راتيان ڏينهان جيءَ کي جهوري،
تانگهن لايس تڪان.
٢- دلڙي اري منجهہ عشق جا آئي،
پاڻئون ڏاڍن سان لنئو جا لائي،
برهہ پرايس وڪان.
٣- قاصد آيم هٿ ڪاڏاهون،
درد فراق جون آهون دانهون،
طرف لالڻ جي لڪان.
۴- ديدان دلبر جون ڪامڻ هوريون،
عبدالله چئي سي آدم خوريون،
کيئن مغز جون مکان.

قافيون جلد پهريون، ڊاڪٽر بلوچ ص ١٣۴، ڪلام ٢١٩
بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

ويا ڏولائي جا ڏينهن، مون وڇوڙي جو ماريو ڙي،
مون ڇوريءَ ڇيڇاڙيو ڙي.
١- سرتيون سوز فراق جي ميان لا، مون کي نهوڙيو نينهن،
هنيڙو ڳاراڻي جو ڳاريو ڙي.
٢- ويو ٻاروچو وو نڪري ميان، چري چاڙهي چيئن،
من ۾ مچ ٻاروچي جو ٻاريو ڙي.
٣- اديون اداسڻ جن جي آهيان ، تنهن ڏاران ڪريان ڪيئن؟
دم دم ۾ تن ويڻي مون ساريو ڙي.
٤- عاشق عبدالله چئي ميان، نيو نباهيو هيئن،
تہ ڪَر نيندو مونکي رواريو ڙي.

بياض: ميان علي بخش
بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

ڪوٺيو ڪهن ٿا عشق وارن کي، موهيو مارن ٿا ورهه وارن کي،
ڪيفي ڪجلا پرين تنهنجا نيڻ، وو وو.

١- جنهي ڪنڙا ڪوڙين عاشق، ڪوڙين عاشق،
سي مون ڪيڙا سيڻ، وو وو.

٢- عاشقن کي ٻاجهئون عجيبن، ٻاجهئون عجيبن،
ٻن خوشيون ٻن ڪيڻ، وو وو.

٣- حڪمن ساڻ هنيڙو هٽي ويا، هنيڙو هٽي ويا،
چشم ڏاڍا پِرجا ويڻ، وو وو.

٤- عاشقن جو ڪونهي الله ري، ڪونهي الله ري،
ڇا ماءُ پي ڀاءُ ڀيڻ، وو وو.

٥- عبدالله عاشق لاشڪ توکي، لاشڪ توکي،
وروهه ٿيس تنهن جا ويڻ، وو وو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

نينهن والڙا ڪيفي نيڻ، سو تان مٺڙا جاني، مٺڙا وو مٺڙا،
وو مٺل يار دا نينهن آولڙا.

١- يار قريب قريب نہ تهڙا، ڇاجي ماءُ پيءُ پائي پيڻ، شال جيوين،
لوڪئون مٺڙا وو مٺل يار دا.

٢- مون من موهيو ساڻ پنبڻين، سڪ سنيوڙيل سيڻ، شال جيوين،
لبئون مٺڙا وو مٺل يار دا.

٣- من موهن ساهہ سيباڻا، واهہ وٽيا تنهنجا ويڻ، شال جيوين،
ساهئون مٺڙا وو مٺل يار دا.

۴- عبدالله نگهہ رک پنهنجي پير ڏي، کهہ خوشيون ہن ڪيڻ، شال جيوين،
ماکيؤن مٺڙا وو مٺل يار دا.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

جيءُ آئين تون ڀلي آئين، اسهنجو ويڙهو دوست وسايو ٿِي.

١- تو ذر آئي شاديون ٿيڙيون،

پير اڱڻ پرين پايو ٿي.

جيءُ آئين تون ڀلي آئين.

٢- لائق پنهنجو لطف سجاٿي،

لالڻ ليئڙو پايو ٿي.

جيءُ آئين تون ڀلي آئين.

٣- عاشق **عبدالله** کي سهڻا سائين،

سارو سرّ سمجهايو ٿي.

جيءُ آئين تون ڀلي آئين.

بياض: قاضي قادر بخش، ٺل، ضلع جيڪب آباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

اديون واڳان شل واري، جانب اڱڻ منهنجي ايندو.
١- آءُ دعاڳڻ ني وو دوست جي آهيان،
مونکي ساجن ڪڏهن ساري، ڏکيءَ واڌائي ڪا ڏيندو.
٢- هيو ناهي ني وو جيڏيون جڳ ۾ ميان،
چام پنهل جي پاري، ٿُل سندس ڪير ٿيندو.
٣- جيءَ منهنجي ڪي ني وو، جنهن جانب جي ميان،
ڳاراٽو تو ڳاري، ڇنئون سو ڪيئن ڇڏيندو.
٤- **عبدالله** چوي ني وو، ايندو آرياڻي ميان،
هن چريءَ جي سو چاري، مونکي تان ڪين مٽيندو.

بياض: فقير علي بخش راڄڙ
بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

ڪي جو ڪانگي ڪهيو ڪهيو لا،

آهيان اونهين دي مون آهيان.

١- خوشيون ڪيانتل وو، ڪول اساڏي وو ميان،

سر ٻولي ڀهيو ڀهيو لا.

٢- زاغ اسان سان وو، ڳجهو چا پڌر وو ميان،

پهہ سارو پهيو پهيو لا.

٣- ڪهيو ڪانگي جو وو، صحي سيوئي وو ميان،

روح منهنجي ۾ رهيو رهيو لا.

۴- دعوي وارو دليون عبدالله جي وو ميان،

ورد وسري وهيو وهيو لا.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

اسان جو ويڙهو يار وسايو تو،

تون تان ٻلي آئين.

١- سڀ مرداون ٻنيون اسان جون وو،

پير اڳڻ جڏهن پايو تو.

تون تان ٻلي آئين.

٢- نيون خوشيون نت اسان کي وو،

راول رنگي رنگ لايو تو،

تون تان ٻلي آئين.

٣- سارو بار سهٹا اسان جو وو،

چاوڻ واري سر چايو تو.

تون تان ٻلي آئين.

۴- عبدالله آکي مهر منجهارئون،

سارو سر سمجهايو تو.

تون تان ٻلي آئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

نماڻيءَ سان ناتو وو، نذر ڙيءَ سان ناتو وو،
لائِي ڍولڻا لائِي، سچڻا توڙ نباھ، توڙ نباھ.

١- پيچ پرت جو پنهل اوهان سان وو،
هن تان پاڻ نہ پاتو وو.
نماڻيءَ سان ناتو وو.

٢- گويا گوليءَ سان ڪا اڳهين وو،
ڪيچ وڃڻ جي ڪئي ڪا تو وو.
نماڻيءَ سان ناتو وو.

٣- جو ڪٿائِي قدم ڪوهيارا وو،
سو تان چريءَ آهي چاتو وو.
نماڻيءَ سان ناتو وو.

٤- عبدالله ڪي جک اهائي وو،
راحم ڏينهان راتو وو.
نماڻيءَ سان ناتو وو.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

جيڏيون منهنجي سـر جي سـائين،
رانجهن چاڪ سڏايو.
١- انهيءَ جوڳيئڙي من منهنجي ڪي،
مرليءَ ساڻ منايو.
رانجهن چاڪ سڏايو.
٢- تخت هزار ڇوڙيس ڪنهن سانگي،
رانجهن رنگڙو لايو.
رانجهن چاڪ سڏايو.
٣- چئي عبدالله من مارن سان،
محبت مچ مچايو.
رانجهن چاڪ سڏايو.
جيڏيون منهنجي سر جي سائين،
رانجهن چاڪ سڏايو.

بياض: علي بخش راڄڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

منهنجو ساري سنگهارن ساهه،
پلو آهيان ڪوتن ۾ ڪي ڪ تي ڏينهڙا،
منهنجو پکن منجهه پساهه،
پلو آهيان قيدن ۾ ڪي ڪ تي ڏينهڙا.

١- ملير چاڻن مون من مٺڙو،
پرتئون ڏيئي پاهه، پلو.

٢- ساهه سانگيئڙن سان ميان،
هت منو آهه، پلو.

٣- من تہ منهنجو ماروئڙن سان،
اوري نا ارواح، پلو.

٤- عمر اسان جي ڏيهه ۾ ميان،
ڪتن ڪين ڪپاهه، پلو.

٥- عبدالله چوي عشق اوهان جو،
هت هُت همراهه، پلو.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

هرڪو چوي الله هڪ آهه، ايهو ڏانءُ ايندو ڪنهن ڏاهن ڏاهه.

١- پريا پروانا پار شمع جي بت ڪيائون نيئي باهه،
اسم جسم سارو ڳم ڪيائون، پوءِ رهيو وڃي اتي ڇاهه؟

٢- المؤمن مرآة المؤمن، رمز انهيءَ ڪوئي قابل ڪاهه،
كُلَّ يومٍ هُو فِي شانٍ، رميا تيز نظر ان راهه.

٣- بسطاميءَ واري بات جاءِ رک، شمس وارو سِرَّ سارا منهن ماهه،
وحــدت سندي ويڙهه ۾، نالو شــرڪ جو موران ناهه.

٤- منهن مرآة ۾ پس پنهنجو، ٻيا خطرا "لا" سين لحظي لاهه،
سچ حقيقت جو ڏس اپريو، ڪاٿي دوئي جي هت اونداهه؟

٥- ڳالهه انهيءَ جي سدا سمجهه رک، سان عشق جي **عبدالله**،
عشق بنان هن جاءِ اچي ڪير، چاهه پوي منجهه انهيءَ چاهه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

ناتو توڙ نباهه، سڄڻ مونسان،
ناتو آپي ڏولڻ لائي هو هو.
١- ناتو نماڻيءَ جو ميان،
روز ازل ڪون آهه.
ناتو توڙ نباهه.
٢- مون جهڙي مسڪين سان ميان،
ڇنڻ تو نه جڳاءِ.
ناتو توڙ نباهه.
٣- آسوندي گهايل ڪي ميان،
تڪيو توري ناهه.
ناتو توڙ نباهه.
٤- هيئن نه ڇڏج حاذق سپرين،
اولي **عبدالله**.
ناتو توڙ نباهه.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

بياض: فقير غلام حيدر موچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

آيو ٻاروچو پنير اميدان، تي جيڏيون دلجاءِ.

١- ڪيئي تي ڪانگ اڏاير ڪاڪيون،
سهڻي سجڻ جي ساءِ.
٢- ويهڻ واٽڙين تي ڪيڙم،
درسن دوست ديڪاءِ.
٣- صورت سهڻي يار سجڻ جي،
ساهہ گهڻو سيباءِ.
۴- ڪيون ڏسڻ جون عيدان اکڙين،
اهڙي ٻي عيد نہ ڪاءِ.
۵- عبدالله جون اکڙيون ٹريون،
ڍولڻ تون ڳر لاءِ.

بياض: علي بخش راڄڙ
بياض: سنڌي ادبي بورڊ
بياض: فقير غلام حيدر موچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

عاشق ياد نہ آيئي، ڏاڍا وڃي تو ڏينهڙا لايا

١- رمز پروڙن ڪين ريساليون،
حال احوال جون توسان ڳالهيون،
پيچ پريت جو پايئي.

٢- اکيون اکين ۾ جڏهن اڙيون،
جڙيون جيءَ ۾ تڏهن جڙيون،
ناز ڪري لک نوايئي.

٣- چوي **عبدالله** اهي آهن اداسي،
سڪ رکن ٿا جيڪي سناسي،
ڦند حسن ۾ ڦاسايئي.

عاشق ياد نہ آيئي، ڏاڍا وڃي تو ڏينهڙا لايا.

بياض: علي بخش راڄڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

هيئي الله هر جاءِ، هيئي الله هر جاءِ، هيئي الله هر جاءِ،
ٻول ٻيو ڪو م ٻاءِ.
١- بيرنگي يار وي وچ رنگان هي ميان،
آپ ڪڙو تا جو آءِ.
٢- جيڏي ڪيڏي وي درسن دلبر دا ميان،
ويک چشمان جو چاءِ.
٣- هابيل قابيل دا والد آدم وي ميان،
ڪيهي آدم دي بناءِ.
۴- فاينما تولوا فثم وجهُ الله ميان،
لفظ ايهو دل لاءِ.
۵- ڪل همہ وچ وي حسن هادي دا ميان،
ناهي صورت جي ڪا ماءِ.
٦- آکي عبدالله وي ثابت "الي الله" ميان،
حرف دوئي دا وڃاءِ.

بياض: درازا

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

عشق بازي ناهي ڪا بازن جيهي،
ڪيڏڻ وارن ڪئون سمجهه ته ڪيهي.

١- ڪيڏڻ عاشق عشق جي بازي، جاتي نه قبل نه ڪائي ماضي.
خوف اميد ڪئون لنگهيا غازي، نينهن نوازيل ناميا نيهي.

٢- دوئي وارو خيال نه جاتي، ڪرن تماشا طالب تاتي،
ڳايو ڳائن برهه جي باتي، ليو تني ڏنهن پاءِ ته پيهي.

٣- آءُ عشاقا امن جي ويس ۾، پل نه گذارج ناميا نيس ۾،
اول صورت واري ديس ۾، ڏيهه سنڀارج عاشق ڏيهي.

٤- محمدﷺ ناڻ جنهن جاءِ ٿيو پورو، ان جاءِ عشق جو ڪامي ڪورو،
اتي نه ويندو ڪوئي بي سورو، ڳالهه سورن جي ڪا جيهي نه تيهي.

٥- **عبدالله** عاشق وتين چو فراقي، بازي عشق جي ڪيڏج باقي،
ڪر لطيفي جسو هي خاڪي، وچ ميخاني يگانا ويهي.

بياض: علي بخش راڄڙ
قافيون جلد پهريون، ص ١٣٣
بياض: درازا
بياض: سنڌي ادبي بورڊ
بياض: فقير غلام حيدر موچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

صورت سانگ بنائي آئين، صورت بيک بنائي آئين.
سر سارو اسرار ڇپائيئي.
١- صورت مخفي راز رکيو ٿي، "لا" ۾ "لا" کي پاڻ لکيو ٿي،
ڳجهڙو تون ڳالهائي آئين.
٢- صورت انسان بيحد عالي، ايهو لباس ٿي لا ابالي،
احدئون عبد سڏائي آئين.
٣- جڳ والي قدرت وارو، دو جڳ تنهنجو پيءُ پسارو،
قطري ڪيئن سمائي آئين.
٤- تون تان تنهنجو طامع آهين، ذات صفات سان جامع آهين،
صورت ۾ سروپا پائي آئين.
٥- بازيگر جان بازي ڪئي ٿي، مون سان **عبدالله** مام مٺي ٿي،
رمزي جو رنگ لائي آئين.

بياض: علي بخش راڄڙ
قافيون جلد پهريون، ڊاڪٽر بلوچ ص - ١٣٢
بياض: درازا
بياض: فقير غلام حيدر موچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

كافي

سڀ ڪنهن صورت سڄڻ منهنجو، هر ڪنهن صورت جانب
منهنجو
پاڻ صورت پنهنجي پسي پسي ٿو.
١- آدم صورت آ عجب جيهي،
ڏانءُ سجود جو ڏسي ڏسي ٿو.
٢- سڀ جڳ محل سائين جو،
والي سو هر جاءِ وسي وسي ٿو.
٣- ويک تہ نفس و آدم هڪ دوني،
نحس ايذاهون جو نسي نسي ٿو.
۴- پنهنجي پاڻ رنگن ۾ رانول،
دلڙي ڪليو ڏس ڪسي ڪسي ٿو.
۵- هر خاني، هر جاءِ، همہ منجھہ،
ساڳي عبدالله هڪ هسي هسي ٿو.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

ساڻ زوراور زاري زاري،وو جڙيا يار،

توبهہ توسان حجت منهنجي ناهي.

١- ڪيڏ آدم عزازيل ڪيڏي،

ڪنهن ڪتي ڪنهن هاري، هاري وو جڙيا يار.

٢- شاهہ منصور فرعون فرق چاهي،

ڪيها نوري ڪيها ناري، ناري وو جڙيا يار.

٣- ڪاتي ناچو ڪاتي نيڪ و بد،

ڪاتي بي مثل سو ماري، ماري وو جڙيا يار.

٤- ڪاتي ڪرٽ ڪتار ڪاتي سولي،

ڪاتي حافظ ملان قاري، قاري وو جڙيا يار.

٥- شيخ صنعان ذي جٿيون تي آئين،

بان تنهنجا هن باري، باري وو جڙيا يار.

٦- عبدالله ڪي پرين پير پنهنجي،

ٻاجهہ بخشي ساري، ساري وو جڙيا يار.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

سرتيون سلڻ نہ جيهي، سا تان سلڻ نہ جيهي،
جا لنؤ لائي وي پنهل اسان سان.

١- ناپيد ناپيد ڳالهڙيون لا،
ور سان اوريم ويهي ويهي.

٢- ننڍڙي لاڪون اج ڇا اڳهين،
رمز انهيءَ دل ريهي ريهي.

٣- لنؤ انهيءَ جي صفت اوهان سان،
ڪاڪيون ڪريان مون ڪيهي ڪيهي.

٤- عبدالله ڪي عشق ملايا،
ڏيهہ پرين پرڏيهي ڏيهي.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

سا ڪيئن آتڻ ڪتي، ڙي متوال،
جنهن جو ڙِي جيڏيون سوداگر يار.
١- ڇڏيو آتڻ ويٺي آهي اتيئي،
جانب گڏيس جتي جتي، ڙي متوال.
٢- ڳل ڳلوازي پيس پرين جي،
ديدان اڙائن جتي جتي، ڙي متوال.
٣- ڪتڻ متڻ اختيار عجيبن،
چرخي تند نہ ڳهتي ڳهتي، ڙي متوال.
٤- عبدالله ڪي لايون ڳر لالن،
نڪي ڪتي، نڪي وتي وتي، ڙي متوال.
سا ڪيئن آتڻ فڪتي ڪتي ڙي متوال،
جنهن جو ڙي جيڏيونف سوداگري يار.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

چاڻ مسلماني ڪير ڇاٽي،
عشق وڌو منجهه ڪفر جي آٽي.
١- نفس شيطان قوي نہ قادر ڪئون،
اٿم يقين، پيو ڪير راٽي.
٢- بعد ڪفر جي دل منهنجي ڪنهن پر،
طرف توبهہ جي ڪين تاٽي. *
٣- جنت دوست ٻاجهئون آ دوزخ، **
بهشت محب ري ڪير ماٽي.
٤- عبدالله عاشق محض مشرڪ،
ري شرڪ رب ڪير سڃاٽي. ***

---

* ہي پڙهٽي
٢- رد ڪفر ڪئون آ دلڙي منهنجي،
طرف توبهہ وري ڪير پيو تاٽي.
(ڪافيون جلد پهريون ڊاڪٽر بلوچ، ڪلام ٢٢٣- ص ١٦٦٣)
** ٣- جنت دوست بنا چڻ دوزخ،
*** ٤- عبدالله ڏس محض مشرڪ،
ٻاجهئون شرڪ رب ڪير سڃاٽي.
بياض: علي بخش- بياض: فقير غلام حيدر موچيءَ ۾ ہتو قافيو
"ڇاٽي ڇاٽي - آٽي آٽي" ڏنل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

تنهنجو آءُ داتا سوالي، تنهنجو سوالي، تون جي جيوين.
تنهنجو سوالي، ڪونہ خالي يار.
١- ڏان گهري تو ڏڏ ڏيجو، هادي آئي ننگ هلي جو،
ڀرو گهران بي مثالي يار.
٢- جن نہ لکيو هو ڪجھ لوجئون، توھ ٿيو تنين سان توهون،
وڙ مونسان ڪر والي يار.
٣- توڙئون آءُ طالب تنهنجو، تون آهين مقصد منهنجو،
محب گهران ٻي نہ مالي يار.
۴- چام آيس در هلي جو، سوال ڪريان آءُ ڪلي جو،
تنهن سڀ جي ٿئي بحالي يار.
۵- عشق گهري عبدالله جي، سٽي شاهن شاه جي
وير هجو ائين وصالي يار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

الک رمز عشاقن واري، منڙي مام محبوبن واري،
عاشقن ٻاجهئون ٻيو ڪير لکي.

١- عشق اشارت منجهه ڪتابت، انڌي لکي گونگي پڙهي فرمايت،
هجي کو ڪاٽون* سرت سياڻو، انهيءَ ابتڙ جو کو ٻير لکي،
چئو نہ زبانئون، نانهن چوڻ جي.

٢- دنوي عقل ۾ ڳالهہ نہ اچڻ جي، چئو زبانئون نانهن چوڻ جي،
پڙهيو هجي ڇاجي دفتر قولي، ڪانهن ڪپيري کو ٻير لکي.

٣- نازڪ نڪتو نينهن وارو، شوق وارن کي روشن سارو،
ڳجهڙي ڳجهارت بره بشارت، ثابت شائق کو شير لکي.

٤- عاشقن کي عشق عقل ڪل، ازل ابد کئون جيڪي آهي اصل،
هي سر اونهو بي نمونو، دانَهہ دَرس دلير لکي.

٥- مست ميثاقي حق سان باقي، عشق سندن آه عبدالله ساقي،
ڇاجي عالم علم جا سالم، ايهو ڇند کو ڇڳير لکي.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ
بياض: علي بخش راڄڙ
بياض: فقير غلام حيدر موچي
* مرحوم حامي واري بياض ۾ "ڳاٽون" لکيل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

الک اثبات اچ يارو، آيو انسان جي اولي،
آهن جي تيز نظر عارف، ڏٺو تن چست هر چولي.

١- رکيائون سير جو رايو، آدم ڪنهن جو اصل چايو،
قدم پرين عشق ۾ پايو، شهودي شوق مئون شولي .*

٢- لم يلد ولم يولد بي، نہ ڪنهن جيهو نہ ڪنهن قد بي،
نہ ڪو رويت ڪي رد بي، سهيو ڪر ڳالهہ هي ڳولي.

٣- الانسان سري وانا سره سيٽن، پاڻ اتو آهي عجيبن،
نشي مئون نينهن جي نيٽن، لڌو هي قند ڳجهو قولي.

٤- عبدالله آ امن پاتو، همہ يکجاء يک چاتو،
نشر ڪيئن يار سان ناتو، ڇوهي مئون عشق جي ڇولي.

---

* شعلي جو عام اچار.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

بياض: علي بخش راڄڙ

بياض: فقير غلام حيدر موچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

اڄ الله لڳ اوري، توکي سڄڻ گهڻو ساريان.

١- ڪيئن وڃي ٿو ني وو، ڪيچ ڪوهيارا وو ميان،
چاڪ مٺي جا سو چوري، توري گهنگهر گهڻو گهاريان.

٢- سگهو ڪين ورندين ني وو، ور ويچاريءَ جا وو ميان،
ڪين تڳان ٿي سو توري، رويون رويون هنجون هاريان

٣- هيم هڪ دل ني وو، وٺي جا ويڙين وو ميان،
زور ڏاڍي ساڻ زوري، دل ڪاڏهن ٻي آءُ ڏاريان.

٤- عبدالله چئي ني وو، هوت اوهان لئي وو ميان،
گهوري وڏيس گهوري، جدا گوندر منجهه گذاريان.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ
بياض: علي بخش راڄڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

آدم بيک وچ آيا بن بنرا،
حسن تيز نظاري سيتي وو.
١- بيرنگي راجا آيا رنگ محل وچ،
ڏان ڏان نينهن نغاري سيتي وو.
٢- ذات صفات نال آيا اٿ اطهر،
پيا سو عجب پساري سيتي وو.
٣- رِدا ميمي دا برقع پايس،
عجب عشق اجاري سيتي وو.
٤- عبدالله عاشق ڏيک پرين کون،
صورت ويک ستاري سيتي وو.
آدم بيک وچ آيا بن بنرا،
حسن تيز نظاري سيتي وو.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ
بياض: پرچونڊي شريف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

منهنجا يار سڄڻ ڪنهن سانگي، پلي آيون گهوريس توتئون صدقي

١- جنهن مَبي تي منهنجا سپرين،

آءُ قدم چميان تنهن چانگي.

٢- "المؤمن مرآة المؤمن"،

اها ڪل سٽاير ڪانگي.

٣- "لم يلد ولم يولد"،

آيو عشق حجاب اورانگهي.

٤- اتو عجبين "وفي انفسڪم"،

ڪيئن طرف ڪنهن ٻئي تانگهي.

٥- "من له المولٰي فله الڪل"،

ايها ٻولي ڪيڙي ٻانگي.

٦- عبدالله عجبين آئي،

هاٿي مور نہ ڪي ٻيو مانگي.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

بياض: پرچونڊي شريف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

ڪافي

مچ ڏولڻ منهنجي زاري وو، مچ پنهل منهنجي زاري وو،
ڪاف ويڻ جي، ڪيچ ويڻ جي، تون هوت نہ ڪر تون دوست نہ ڪر.

١- پرين پرانهون پري ڀهون پنڌ ٿيو وو،
بر ٻجهي ڏاڍو ڀاري وو.

٢- هيءَ جند جان اتئون تنهنجي سپرين وو،
صدقي صدقي سئو واري وو.

٣- وينتيون ويٺي هوت ڪريان وو،
هٿين پيرين ڳل ڳاري وو.

٤- تو ري ساريان مائٽ نہ مٽ ڪو وو،
هڪ رهبر تنهنجي تاري وو.

٥- عبدالله سان لائي نينهن پرڙي وو،
ور سا نيهہ واري وو.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned by CamScanner

كافي

لنؤ لنؤ ۾ جيوين عشق لالڻ جي ميان،

لايو ڏنڏيون ڏاڍي ڏم مچائي وو.

١- سنڌ سنڌ ۾ توبهہ برهہ ڍولڻ جي ميان،

بيرنگ رنگ جي راند رسائي وو.

٢- جندڙي ميڏي پتّلي وانگڻ ميان،

ٿيان ٿيان ڪرڪي نينهن نچائي وو.

٣- آپ نہ چائج راند رندي ۾ ميان،

ڪُلي هوڻ جا ٿي آهہ ڪچائي وو.

٤- سچ ٿي سچ سان چلٹا نہ پلٹا ميان،

ساڻ سچن آهي حرف سچائي وو.

٥- عبدالله عاشق عشقبازي ۾ ميان،

سري بره ڪئون ڪين بچائي وو.

بياض: سنڌي ادبي بورڊ

